

# سنڌي زبان جي ماهيت



ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو



سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد

# سنڌي زبان جي ماهيت

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

سنڌي لئنگويج اٿارٽي

حيدرآباد — سنڌ

2007ع

سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (100)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# سنڌي زبان جي ماهيت

ليکڪ: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

ڇاپو: پهريون

سال: فيبروري 2007 ع

تعداد: 1000

قيمت: 100 روپيا/ 5 ڊالر/ 3 پائونڊ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Catalogue Reference
Junejo, Abdul Jabbar Dr
Sindhi Zaban Ji Mahiyat
Sindhi Language & Linguistics
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-8194-92-5

**Sindhi Zaban Ji Mahiyat**

| | |
|---|---|
| By: | Dr Abdul Jabbar Junejo |
| Edition: | First, 2007 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs 100/=, $ 5, £ 3 |
| Published by: | Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh 71000, Pakistan. |
| Composed By: | Hussain Ahmed Memon |
| Printed by: | Intel Communications Hyderabad |
| Tel: | 022-9240050-3 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com, sindhila1@hotmail.com |
| Website: | www.sindhila.com.pk |
| Digitized by | M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. |

هيءُ ڪتاب اڪادمي ادبيات پاڪستان جي مالي سهڪار سان اداري جي چيئرمئن عبدالقادر جوڻيجي، ميشرس انٽيل ڪميونيڪيشن، حيدرآباد مان ڇپرائي، سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي آفيس، نئشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

# ستاءُ


ناشر نوٽ 4

مقدمو 5

**باب پهريون**

زبانن جي وجود ۾ اچڻ وارا نظريا 11

**باب ٻيو**

زبانن جا خاندان 16

**باب ٽيون**

ننڍي کنڊ جون کي زبانون 19

**باب چوٿون**

سنڌيءَ جو بُڻ بنياد 25

**باب پنجون**

رسم الخط 38

**باب ڇهون**

محاورا (dialects) 43

**باب ستون**

پهاڪا، اصطلاح، چوڻيون ۽ ورجيسون 63

**باب اٺون**

سنڌيءَ جا سردار، سنڌيءَ جا معمار 72

**باب نائون**

موجوده حالت (مسئلا ۽ حلَ هند ۾ سنڌي) 87

**ضميمو**

اهم ڪتاب 94

# ناشر پاران:

اداري جي قيام وارن مقصدن کي آڏو رکندي، سنڌي ٻوليءَ ۾ لسانيات جي موضوع تي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي هن اهم ڪتاب کي ڇپائيندي آئون ۽ منهنجا ساٿي انتهائي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. جيتوڻيڪ سنڌي زبان جي ارتقا، بڻ بنياد ۽ ان جي محاورن بابت هن کان پهرين به ڪيترن ئي محققن ۽ عالمن جو ڪم سامهون آيل آهي، پر هيءَ ڪتاب اردوءَ ۾ مستعمل لفظ "بولي" ۽ سنڌيءَ جي لفظ "ٻولي" ۽ "زبان" بابت اهم موضوع کي هڪ تفصيلي بحث جي صورت ۾ پيش ڪري ٿو. ڪتاب جي ابتدا ۾ سنڌي زبان بابت اڳ موجود نظرين جي اپٽار سان گڏ ليکڪ طرفان پنهنجي مطالعي جو نچوڙ ۽ نتيجو ڏنو ويو آهي. زبان جا وجود ۾ اچڻ وارا نظريا، انهن جا خاندان، نندي ڪنڌ جون زبانون، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، رسم الخط، محاورا، پهاڪا، چوڻيون، ورجيسون، سنڌي ٻوليءَ جا محقق ۽ سنڌي ٻوليءَ کي پيش ايندڙ مسئلن ۽ مونجهارن بابت موضوع، ڪتاب جي مختلف بابن ۾ ورهايل آهن. ڪتاب جي وقت سر ڇپائي ۽ ترتيب لاءِ دلچسپيءَ سان ڪم ڪرڻ تي اشاعتي بيوروجا عملدار ۽ ڪارڪن هميشه جيان جس لهڻن. البته ڪتاب جي اهميت جو اندازو ان جا پڙهندڙ ئي ڪري سگهن ٿا، تنهن ڪري اهو انهن تي ئي ڇڏجي ته بهتر رهندو.

اسان سنڌي ٻوليءَ ۽ لسانيات جي حوالي سان سنڌ جي ساڃاهه وندن ۽ محققن کي دعوت ٿا ڏيون ته هو اهڙن موضوعن تي اسان کي ڪتاب تيار ڪري ڏين ته جيئن سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق جي سلسلي ۾ وڏيڪ ڪاميابيون حاصل ڪري سگهجن.

فيبروري 2007ع
حيدرآباد، سنڌ.

**عبدالقادر جوڻيجو**
چيئرمئن

# مقدمو

سنڌي زبان جي ارتقا ۽ بڻ بنياد جي باري ۾ اڳ موجود ڪتابن جي موجودگيءَ جي باوجود هي ڪتاب لکڻ جي ضرورت پيش آئي، اُن لاءِ منهنجون گذارشون هن ريت آهن:

سنڌيءَ جي محققن سنڌي زبان جي تاريخ بيان ڪندي نهايت محنت، تحقيق ۽ تدقيق سان ڪتاب لکيا آهن. آءٌ هڪ طالب علم جي نظر سان اندازاً 1960ع کان اُنهن جي ڪاوشن کي ڏسندو ۽ ساراهيندو آيو آهيان. ڀيرومل مهرچند ۽ ڊاڪٽر بلوچ کان وٺي نئين ٽهيءَ جي اسڪالرن تائين هي موضوع دلچسپيءَ جو باعث رهندو اچي، هيتري تحقيق، سنڌيءَ جي بڻ بنياد ۽ تاريخ تي ٿيل ڪم کان پوءِ مون کي چا ڪرڻو آهي ۽ آءٌ اڳ هن موضوع تي چند مقالن لکڻ کان وڌيڪ ڪو قدم به وڌائي نه سگهيو آهيان. هاڻ جيڪو قدم وڌايان، سو ڏيان چڪائڻ وارو، مفيد ۽ نئين ڏس ۾ هئڻ کان سواءِ ٻوليءَ جي خصوصيتن ۽ اصل جوهر (ماهيت) بابت هجڻ کپي. لسانيات جي مختلف شاخن، اصطلاحن ۽ پهاڪن سان ٺهڪائي پيش ڪريان. ڪتاب جو نالو به اُن ڪري "سنڌي زبان جي ماهيت" رکيو اٿم. جيڪو موجود روايتن ۾ نئون آهي. (متان چرڪائيندڙ ٻِہ هجي) مئين عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي ڪلام ۾ آيل هن سٽ منهنجو ڌيان لفظ "ماهيت" ڏانهن به چڪايو جيڪو حضور صلي الله عليہ وسلم بابت آهي:

اصل مڙني ماهيتين، ماهيت محبوبا

"ماهيت" جي معنيٰ عربي لغت موجب هيءَ آهي، معيار (Quality)، تت، جوهر (Essence) اُجورو (Salary) آمدني (Income) (معن زلفو مدينہ. عربي، انگريزي لغت، آمريڪا 1973ع ص 616). پروفيسر جلباڻيءَ جي "عربي سنڌي لغت" موجب معنيٰ آهي: ذاتي جوهر

اداري جي قيام وارن مقصدن کي آڏو رکندي، سنڌي ٻوليءَ ۾ لسانيات جي

۽ ذاتي جزو اهم ۽ ضروري (جلد ٻيو سنڌالاجي 1990ع، ص 1266).

انهيءَ معنيٰ موجب "ماهيت" جوهر جي حوالي سان هڪ موزون لفظ به لڳو ۽ لفظي آهنگ ۽ سُر توڙي سنگيت موجب به وڻيو. اُن کان سواءِ سنڌي زبان سان منسلڪ ڪرڻ جو ارادو ڪيم.

اسين زبان کي ٻولي به چئون ٿا. ڪي متعصب ماڻهو تنگ نظريءَ تحت اُن جو فائدو وٺن ٿا. اهڙو هڪ مثال هي آهي ته ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مقامي خبرن ۾ 16 فيبروري 2006ع تي خاتون نيوزڪاسٽر هڪ خبر اردوءَ ۾ هيئن پڙهي: "سندھی ادبی بورڈ کی میٹنگ کی صدارت کرتے ہوئے ڈاکٹر حمیدہ کھڑو نے کہا کہ سندھی ادب اور بولی کی گرانٹ بڑھائی جائے گی".

برابر سنڌيءَ ۾ ٻولي زبان کي به چئجي ٿو، پر جڏهن اردوءَ ۾ بولي چئبو ته اُن جي معنيٰ محاورو (dialect) ۽ هڪ ننڍي گروپ جي ٻولي آهي. ٻيو ته سڄي اردو مواد ۾ ٻولي (سنڌي لفظ) جو پيوند هڻڻ مان ڳالهائيندڙ جي تنگ نظري ۽ نيت ظاهر ٿئي ٿي. ساٿ ۾ رهندي به تعصب سبب ڪا ٻولي نه سکڻ تنگ نظري آهي. سنڌي نه سکڻ واري عمل جي مذمت ڪندي، ڊاڪٽر فرمان فتح پوري، حمايت علي شاعر ۽ اردوءَ جي ليکڪن مضمون لکيا آهن. واضح ڪيو اٿن ته ساٿ واري زبان (Language in contact) نه سکڻ سان پنهنجي زبان جو به نقصان ٿئي ٿو. هر زبان ڳالهائڻ وارا سڄاڻ ماڻهو هن حقيقت جو ادراڪ رکن ٿا. تنگ نظر ماڻهن جي حالت هيءَ آهي جو زبان جي محبت ۾ غلط بيانيءَ کان ڪم وٺن ٿا. اٽڪل ڏهاڪو سال اڳ حضرت امير خسرو جي تقريبات جي سلسلي ۾ پاڪستان ٽيليويزن تان هڪ ڪمپيئر هيئن چيو ته: وسط ايشيا ۽ ٻين اسلامي ملڪن مان مسلمان، جيڪا عربي- فارسي آميز زبان هندوستان ۾ کڻي آيا، تنهن ۾ ڪيترا مقامي لفظ شامل ٿيا ۽ اردوءَ

جو جنم ٿيو.“ پهرين اهو ته اُها زبان ڪهڙي هئي؟ ان جي ڪنهن به محقق ڳالهه نه ڪئي آهي. حقيقت هيءَ آهي ته بيشڪ فوجي عربي فارسي ۽ ترڪي لفظ کڻي آيا ۽ اڳ موجود زبان هنديءَ ۾ اُهي شامل ٿيا. هندي ۽ اردوءَ جو بنيادي ڍانچو (Structure) ساڳيو آهي، لفظن جو ڀنڊار علحدو آهي، اُن ڪري ۽ لپيءَ (Script) جي ڪري به اڳتي هلي ٻه زبانون بنجي پيون. اها ڳالهه هرڪو مڃي ٿو، پر اُن کي ايئن بيان ڪجي جو خلق گمراه ٿئي. اهو صحيح نه آهي. سيني زبانن جي اهميت آهي. هر ڪنهن کي پنهنجا ماڳ مٺا آهن. اهو تسليم ڪندي سنڌيءَ سان گڏ مون فارسي، اردو ۽ سرائيڪيءَ ۾ مقالا ۽ ڪتاب لکيا آهن. سيني ٻولين سان مون کي محبت آهي. اُن ڪري ضمناً مٿيون ڳالهيون لکيون اٿم.

هن ڪتاب جي باب وار سٽاءَ هيءَ رکي اٿم ته اول ٻولين جي جنم ۽ انهن جي خاندانن جي ڳالهه ڪئي اٿم. هي بنيادي موضوع آهن، جيڪي لسانيات جي سلسلي ۾ اهم ڇاڻا وڃن ٿا. اُن سان گڏ زبان/ زبانن جي ارتقائي تاريخ کي اهم ڄاتو ويو ۽ انهن جو اصل نسل ۽ بڻ بنياد تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. سنڌيءَ جي بڻ بنياد لاءِ آريائي يا غيرآريائي هجڻ وارا نظريا زيربحث رهيا. انهيءَ سلسلي ۾ ڪتاب جي ابتدائي بابن ۾ اڳ موجود نظرين جي اُپٽار ڪندي، آخر ۾ پنهنجي مطالعي جو نچوڙ ۽ نتيجو ڏنو اٿم. پوءِ به اصل نسل ۽ ٻوليءَ جي ارتقا/ ارتقائي تاريخ جي سلسلي ۾ بحث مباحثي توڙي دليل دلائل جي گنجائش آهي. ڪو نئون نظريو اچي، اُن جي دليلن کي کليءَ دل سان خوش آمديد چئجي ۽ دليلن کي پسجي. وزنائتي ڳالهه جي تورتڪ ڪجي ۽ شخصيات واري اجائي ضد کان پهلو بچائجي.

زبان جي ارتقائي تاريخ سان گڏ اُن جي تحرير جو مسئلو به اهم رهيو آهي. دنيا جون موجوده لپيون دير سان ٺهيون آهن. گهڻن خطن ۾ ڪي تصويري

اکر (Pictographs) موجود هئا. بلڪ پهرين مڪمل تصويرن جي صورت ۾ ٿي هئا، پوءِ ننڍا/آسان (simplify) ڪيا ويا. چين ۽ مصر جا نالا هن سلسلي ۾ سرفهرست آهن. چين جي تصويري اکرن جو مون کي ذاتي تجربو آهي، جيڪو 65 ـ 1966ع ۾ چين ۾ چيني زبان جي تعليم جي سلسلي ۾ حاصل ڪيم. اُن جو قدري تفصيلي ذڪر ٻين لپين سان گڏ هڪ باب ۾ ڪيو اٿم.

ايتريون ئي هن ننڍي کنڊ جون زبانون اهم آهن. اُنهن ۾ سنسڪرت ۽ يورپي زبانن جي ربط جو مطالعو سر وليم جونس، فرئنسز باب، مئڪس مُلر ۽ ٻين ڪيو. جن جي اُپتار ڪاڪي ڀيرومل مهرچند "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ ڪئي آهي. اُن کان پوءِ اِهي حوالا ٻين ڪتابن ۾ به آيا ۽ ڪي اضافا به ٿيا ته اختلاف راءِ به ٿيو. هي به هڪ اهم موضوع آهي، اُن ڪري مون هڪ باب ۾ سنسڪرت ۽ ڪن ٻين ٻولين جو تذڪرو ڪيو آهي.

هي سڀ پس منظر آهي، اسان جي جيجل جي ٻوليءَ جو. جيڪا ننڍي کنڊ ۾ هڪ اهم، زنده، علمي، ادبي ۽ صحافتي زبان آهي. ڪا معمولي، ننڍي گروپ جي، اڻ سڌريل، ڪتل زبان نه آهي. "ٻولي" ۽ محاورو (dialect) نه آهي. اُن جي ابتدا ۽ ارتقا جو جائزو وٺندي، سنڌيءَ جي محاورن (dialects) ننڍن محاورن/ اُپ پاشائن (sub_dialects) جو تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي. شاعر، جن عمارت جوڙي، تن جي به اهميت آهي.

سنڌي زبان توڙي ڪنهن به زبان جي اصل سُونهن ۽ جوهر اُن جا پهاڪا، اصطلاح، محاورا (Idioms) چوڻيون ۽ ورجيسون آهن. اُنهن جي استعمال سان ٻولي پُرمطلب بنجي ٿي. اُن جي اُبتڙ سادي سپاٽ رهندي. مثال طور ڪو ماڻهو چوي ته "فلاڻو سامان جي کهڙي سنڀال ڪندو؟" اُن بدران بامحاوره جملو هيئن ڪم آڻي سگهجي ٿو: "آنڌن جا واهي گڏڙا!" سنڌيءَ جي هن سونهن جو هڪ خاص باب ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. اِن مطلب سان ته اِهو

سنڌيءَ جو جوهر آهي.

اهڙيءَ ريت نحوي ۽ صرفي خوبيون، خصوصيتون ۽ آراڏايون (varieties) بہ هڪ زبان لاءِ بنيادي ڍانچي مثل هونديون آهن. هن سلسلي ۾ سنڌي زبان جي گرامر جي مختلف پهلوئن جو جائزو وٺڻ بہ ضروري هو. اُهو ۽ لسانيات جي شاخن جو بہ مختصراً جائزو ورتو ويو آهي. هي بہ باب آهن. اڳ بہ ماهرن هن ضمن ۾ لکيو آهي.

ڪتاب جي آخري باب ۾ سنڌيءَ جي ڪن مسئلن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪي گذريل پنجاهہ سالن ۾ پيدا ٿيا آهن. ”ٻوليءَ جو بگاڙ بہ ٿيو آهي، ڇا واقعي بگاڙ ڇئبو يا هڪ ترقي يافتہ زبان ۾ لفظن ڪي اجاري، سنواري پنهنجو ڪرڻ واري خاصيت سبب سڌارو جيڪو پاڙون پختيون ڪري قائم ٿي ويندو. اِن ڪي فطري تبديلي سڏي، ڇڏي ڏجي يا ان کي واقعي بگاڙ سمجهي درستگيءَ لاءِ تجويزون ڏجن. اڄ سنڌي ڪهڙي منزل تي بيٺي آهي؟ چئلينجن جو مقابلو ڪري سگهندي يا نہ؟“ اِن نُڪتي تي ڪتاب جي تڪميل ٿئي ٿي.

زبان پنهنجي پر ۾ هڪ مهاساگر آهي. اِن ۾ ڪي قابل ٽوٻا ۽ غواص ٽُٻي هڻي مطلب جا موتي آڻي سگهن ٿا. اُنهن هن ڪان اڳ بہ اُونهي ۾ وڃي ماڻڪ ميڙيا آهن. آءٌ ڪناري تي بيٺل هڪ طالب آهيان. ارادو پڪو اٿم، اُن ڪري هن سمونڊ ۾ ٽُٻي هڻي ماڻڪ ميڙڻ جي خواهش رکان ٿو. سنڌيءَ جي اصل نسل ۽ بڻ بنياد جي تلاش جاري آهي. اڳ قائم نظرين جي بنياد تي هن ڪتاب ۾ چند ڳالهيون چيون اٿم. مون کي اعتراف آهي تہ آءٌ ڪنهن نئين نظرئي جو باني نہ آهيان.

سنڌي زبان ۽ اُن جي مختلف مطالعاتي شعبن جو ذڪر ڪندي، ڪي حوالا اهڙا بہ آهن، جن ۾ بحث جي ضرورت ٿي. نہ تہ ڪنهن بہ شخصيت تي ارادي سان تنقيد نہ ڪئي اٿم. اهو بہ عرض ڪري ڇڏيان تہ سنڌي زبان جا

محقق ۽ ٻيا ليکڪ مون کي پيارا آهن. ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي قائم ڪيل نظرئي تي بحث ٿيو. پر اول هُن "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" لکي، پهريون قدم کنيو. اُن ڪري آءٌ کيس سنڌي زبان تي لکڻ وارن ۾ مهندار ڄاڻان ٿو.

مون هن ڪتاب جو نالو "سنڌي زبان جي ماهيت" رکيو. اُن جي ڳالهه ڪري آيو آهيان. پر مقدمي جي آخر ۾ ايترو ورجائيندس ته مراد اصل حقيقت پروڙڻ آهي. جيئن خواجه سلطان الاولياءَ محمد زمان قدس سره فرمايو ته. "عجب جهڙي آه. حقيقت حبيب جي". گرهوڙي صاحب اُن جي تسلسل ۾ "ماهيت" لفظ ڪم آندو. اُن جي اُپٽار ڪري آيو آهيان.

پڙهندڙ سنڌي زبان جو جوهر پسن. اُن ڪان اڳ آءٌ پنهنجن اُنهن محققن جا ٿورا مڃڻ ٿو چاهيان، جن جي ڪتابن مان مون استفادو ڪيو ۽ جن جا حوالا ڏنا اٿم. پيارن دوستن، يونيورسٽيءَ جي ساٿين ۽ شاگردن مان ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي، ڊاڪٽر هدايت پريم، ڊاڪٽر تهمينه مفتي، ڊاڪٽر غلام نبي سڌائي، ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي، ڊاڪٽر شڪنتلا سيواڻي، ڊاڪٽر ادل سومري، اياز عالم ۽ آخر ۾ ماه طيبه ۽ روشن گل آهن. شاگرد هجن ته ههڙا! هڪڙا امتحان پاس ڪري ڊگري وٺي هليا وڃن، پر ڪن جو ڇڻ ازلي رشتو آهي. انهن سڀني جي محبت ۽ ساٿ سان منهنجو قلم هلي ٿو ۽ ٻه اکر لکي سگهان ٿو.

شهريار منزل بدين

**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو**

## باب پهريون

# زبانن جي وجود ۾ اچڻ وارا نظريا

زبان (Tongue)، جِيَ ڪان وٺي جڏهن زبان بمعنيٰ Language جي مرتبي تي پهتي آهي، تہ اڄ اُها پنهنجي تڪميل ۽ گوناگونيءَ سبب پياري تہ آهي، پر بحث ۽ تحقيق جي مرحلن ڪي بہ طئي ڪندي اچي. ٻولي هڪ فطري ۽ سماجي زيور آهي، جنهن سان انسان ڪي مُزين ڪيو ويو آهي. هُو ٻولي پنهنجي ماحول مان حاصل ڪري ٿو. پهرين ماءُ جي هنج هُن جي درسگاه آهي، جتان هُو ٻولي شفقت جي ماڪيءَ سان مليل حالت ۾ حاصل ڪري ٿو.

زبانون ڪيئن وجود ۾ آيون؟ اُن لاءِ عالمن ڪي نظريا پيش ڪيا آهن، جن جو تعلق انسان طرفان قديم ترين دؤر ۾ ڪڍيل آوازن سان آهي. اهڙا مختلف آواز نڪرڻ سان اڳتي هلي زبان جي تشڪيل ٿي. اهڙن نظرين مان ڪي هي آهن: بَو وؤ وارو نظريو، ڦوه ڦوه وارو نظريو_ ڊنگ ڊانگ وارو نظريو ۽ يو هي هُو وارو نظريو. اهڙا ڪي ٻيا بہ آواز تي سگهن ٿا. هن مان مراد هي آهي تہ آوازن مان ڪي سُرَ_ تار_ آهنگ پيدا ٿيڻ سان انسان جو ڌيان ايندڙ وقت لاءِ لفظن ۽ جملن جي تشڪيل ڏانهن ويو(1).

جيئن انسان سماجي ۽ اقتصادي محاذن تي سڌرندو ويو، تيئن ٻولي بہ وسيع، آسان ۽ شاهوڪار ٿيندي ويئي. نہ رڳو ٻوليءَ جي واڌ ۽ ويجهہ ٿي، پر باهمي رابطي ۾ بہ وسعت آئي. ٿورين جهنگلي ۽ اڻ سڌريل ٻولين ڪي ڇڏي ٻين ٻولين گهڻي ترقي ڪئي آهي، ۽ اهو سلسلو جاري آهي. سائنسي ترقيءَ بہ ٻولين جي واڌ ويجهہ ۾ هٿ ونڊايو آهي. نہ رڳو لفظن جو ذخيرو لساني ڏي —وٺ جي ڪري وڌيو آهي، پر سائنسي موضوعن جي استعمال ۾ بہ اضافو ٿيو آهي. ڪمپيوٽر بہ نوان رنگ لائي ڇڏيا آهن. اڄ جي نئين سماج ۾ ٻولي تعليم، تربيت، تجارت ۽ رابطي جو اهم ۽ بنيادي ذريعو آهي. ايئن دنيا جي ڪُل

ڪاروبار جو وسيلو بہ ٻولي آهي.

دنيا جون مختلف زبانون هاڻي گهڻي ترقي ڪري چڪيون آهن، پر ساڻن ابتدا ۽ ارتقا جا بہ مرحلا رهيا آهن. مختلف نظريا جي محققن پيش ڪيا آهن، انهن کي ڪنهن حد تائين مفروضا بہ چئي سگهجي ٿو. ڇو جو جڏهن شعور ئي نہ هو يا اڄ واريون گوناگون ضرورتون ئي نہ هيون تہ ڳالهائڻ جو دائرو بہ محدود ئي هوندو. اشارن ۽ بي ترتيب آواز ڪڍڻ ئي ڄڻ ٻولي هئي. اُن ۾ فطري طور اظهار ڪيو ويو هوندو. پوءِ اُهو ڦوڦو يا ڊِنگ ڊانگ جهڙا آواز ڪڍي ڪيو ويو هجي تہ بہ ممڪن آهي. اُن سان گڏ ڪيترا ٻيا آواز بہ ڪڍيا ويا هجن تہ ٿي سگهي ٿو. هن معاملي جو تفصيل محققن جي ڪتابن ۾ موجود آهي. سنڌ جي اسڪالرن بہ اهڙا اشارا ڏنا آهن. منهنجي محترم ۽ مهربان اُستاد پروفيسر علي نواز (مرحوم) پنهنجي ڪتاب ”علم لسان ۽ سنڌي زبان“ ۾ اهڙو جائزو ڪجهہ هن ريت ورتو آهي:

سي- ايل- باربر لکي ٿو تہ ٻولين جي ابتدا بابت ڪن عالمن هيءَ راءِ ڏني آهي تہَ ٻارن جي ٻولي، ٻنهہ پنتي پيل سماجن جي ٻولي، باندرن، بن مانسن جي ٻولين ۽ گونگن جي اشاراتي ٻولين جو جائزو ورتو وڃي. ڪوششون بہ ڪيون ويون، پر بار آور نہ ٿيون(2). انسان پهرين ڳالهائڻ ڪيئن سکيو تنهن لاءِ عالمن نظريا (Theories) قائم ڪيا آهن، اُهي هي آهن:

1- ٻو وو وارو نظريو

2- ڦُوهہ ڦُوهہ وارو نظريو

3- ڊِنگ ڊانگ وارو نظريو

4- يُوهي هُو وارو نظريو

5- اشارن وارو نظريو

6- سُرتال وارو نظريو

7- ميل جول وارو نظريو

هنن مختلف نظرين جي مختصر اُپٽار هيءَ آهي:

### بو وو وارو نظريو (The bow wow theory):

هن نظريي موجب چاتو ويو تہ انسان اول جانورن جا آواز ڪڍڻ سکيو هوندو، اُن ڪان پوءِ ڪجهہ ڦيرڦار سان ڳالهائڻ سکيو. جانورن ۽ پکين جا آواز ٻڌي اڳتي وڌيو. جيئن ٻليءَ ۽ ڪانوَ جا آواز. ايئن هن جي گفتگوءَ جي لفظن ۾ ڪجهہ واڌارو ٿيو هوندو.

### ڦوه ڦوه وارو نظريو (The Pooh Pooh theory)

هن نظريي موجب ٻولين ۾ خوشيءَ ۽ غم جي اظهار وارا آواز پيدا ٿيا. هي آواز قديم انسانن ڪان بيساختہ نڪري ويا هوندا، انهن ۾ ڦوه ڦوه، هون هان، آها وغيره جهڙا آواز پهرين آيا ۽ انهن جي تجربي سان وڏيڪ آواز نڪتا هوندا. هن نظريي کي بہ محقق ڪمزور سمجهن ٿا.

### ڊنگ ڊانگ وارو نظريو (The ding dong theory):

باربر پنهنجي ڪتاب story of language ۾ لکي ٿو تہ، هن نظريي کي ٽن ٽَن واري آواز (voice) ۽ مفهوم (meaning) جي وچ ۾ هڪ رابطو ٿئي ٿو. اُن کي نمايان آواز ٽن يا ڊنگ جي صورت ۾ پيدا ڪيو ويو هوندو. جيئن گهنڊ جو آواز اچڻ، هڪ سڏ آهي تہ اچو (ڪلاس ۾) يا وڃو گهر!

### يوهي هو وارو نظريو (The yo he ho theory):

هن جو باني نوئري (Noire) آهي. هي بہ چئي هڪ مفروضو آهي تہ ماڻهن هڪ ٻئي کي مخاطب ڪرڻ لاءِ هي هو، ها هو ۽ هون ها جهڙا آواز ڪڍيا هوندا. ڪم ڪرڻ وارن ماڻهن ڪم وقت مذڪوره آواز ڪڍيا هوندا. مزدور ٽڪ ڪان ڪنجهہ طور بہ ههڙو آواز ڪڍي ٿو.

### اشارن وارو نظريو (The Gesture theory):

هن نظريي موجب هيءَ راءِ قائم ڪئي ويئي تہ انسان ڳالهائڻ، سکڻ ڪان اڳ کي اشارا ڪري پنهنجي ڳالهہ چوڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي. گونگا اشارن جا ئي محتاج آهن. هيءَ هٿن جي اشارن جي ٻولي آهي جا اڄ بہ ڳالهائڻ سان گڏ ڪم اچي ٿي. محققن جو خيال آهي تہ انسان 3500 ق. م ڌاري ڳالهائڻ سکيو. اُن ڪان اڳ هن پنهنجو مطلب کي ليڪا ڪڍي ۽

تصويرون ئاهي ظاهر ڪيو ٿي. مصر جون اهڙيون تصويرون (Hierogyphs /pictographs) اُن جو يادگار آهن ۽ چين ۾ اهڙا تصويري لفظ اچ بہ رائج آهن. اڳ ماڻهوءَ جي شڪل()اج آسان (simplify) ٿي هيئن (人) ڪم اچي ٿي. هڪ بہ ٽي لاءِ اج بہ (一 二 三) ڪم اچن ٿا. هن نظرئي کي بيشتر اسڪالرن قبول بہ ڪيو آهي، پر چيني ٻوليءَ ۾ هي هڪ حقيقت (۽ ثبوت) آهي. الف ب موجود نہ آهي، پر تصويري لفظ (words) موجود آهن. جپاني ٻوليءَ ۾ گهڻي ڀاڱي چين وارا لفظ موجود آهن.

**سُر تار وارو نظريو**(The Musical theory):

هن نظرئي جو باني اوٽو ييسپرسن (Otto Jesperson) آهي، جنهن هيءَ ڳالهہ ڪئي تہ ڦوه ڦوه ۽ ٻيا نظريا زبان جي اڪثر ابتدائي حصن بابت آهن. زبان ڪيئن وجود ۾ آئي. اُن لاءِ مددگار نہ آهن. ييسپرسن جي خيال ۾ ابتدائي زماني ۾ ٻولي/ ٻولين ۾ ڪي وڏا/ ڊگها لفظ هئا، جي سُرن جي وسيلي ظاهر ڪبا هئا. اُن ڪري جو ابتدائي گفتگو ۽ تحرير نظم ۾ هئي ۽ سرائتي هئي. انسان بہ پهرين ڳائڻ سکيو. ڳائڻ وارو نظريو بہ هڪ مفروضي وانگر لڳي ٿو. جيئن سنڌ ۾ مسٽر محرم خان يورپي ملڪن جي اهڙن حوالن سان مضمون لکي اهو ظاهر ڪيو تہ اول هڪ سُر وارا راڳ وجود ۾ آيا ۽ پوءِ وڏيڪ سُرن وارا (سماهي مهراڻ 1967ع). اجان بہ ڪي زبانون تحرير هيٺ نہ آيون آهن. البت نظم ۽ هم قافيہ تُڪن جو اول اچڻ صحيح آهي.

**ميل جول وارو نظريو**(The contact theory):

هي نظريو نسبتاً تازو آيل آهي. هن جو باني جي. ريويس (J. Reves) هالينڊ جو رهاڪو هو. هو لکي ٿو تہ انسان جو انسان سان ابتدا کان لاڳاپو آهي. انهيءَ ڪري ميل ميلاپ سان ٻوليون هڪ صورت وٺن ٿيون. هن سلسلي ۾ انسان ۽ حيوان جو ابتدا ۾ حال ساڳيو رهيو. رڙ / رنڀ بنيادي لفظن (آوازن) ۾ اچي ٿي. مختلف مرحلن مان اڳتي وڌي ڳالهہ سڌ تائين پهتي. سنڌيءَ ۾ جي هن مرحلي وارا لفظ ڳڻجن تہ آءُ، ڪاءُ ۽ ٺاهہ وغيرہ ٿيندا. هيءَ گرامر موجب امر جي صورت آهي. اِهي ڳالهيون اڳتي جي نحوي ۽ صرفي

بناوتن تائين پهچي نہ سگهيون(3).

زبان جي هنن ابتدائي مرحلن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو، تہ انسانن، حيوانن ۽ پکين جي روش ۾ بنيادي فرق آهي. هن مطالعي کي انسان تائين محدود رکجي، تہ ڪجهہ نتيجا نڪري سگهن ٿا. حيوانن، پکين ۽ جيتن جڙين جا آواز ٻڌون ٿا، پر اُنهن جي پروڙ نٿي پوي؛ باقي، ڪُڪڙ، رڍ، ٻڪري، مينهن ۽ ڳئون، گدڙ ۽ شينهن جي ڪڍيل آوازن مان ڪونہ ڪو نتيجو ڪڍي سگهون ٿا.

ذڪر ڪيل نظريا/ مفروضا جديد تحقيق ۾ مدد ڪونہ ٿا ڏين. زيب داستان لاءِ بيان ڪيا ويا آهن. موجوده وقت جا لساني ماهر، زبانن جي موجوده صورت ۽ جوڙجڪ کي وڌيڪ اهميت ڏين ٿا. اُن سلسلي ۾ 19- 20 صدي عيسويءَ ۾ قابل قدر تحقيقون ٿيون آهن.

ٻارن ۽ جهنگلي خلق جي ٻولين جو اڀياس بہ چند نُڪتا ظاهر ڪري سگهيو آهي ۽ بس. هن بنيادي کوجنا کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو زبانن جي خاندانن جو درپيش رهيو. جنهن جو مطالعو هڪ قدم اڳتي هو.

## حوالا:


1- جتوئي، علي نواز، علم لسان ۽ سنڌي زبان، حيدرآباد 1968ع، ص ص 26- 30

2- ايضاً، ص 26

3- ايضاً، ص 30

## باب ٻيو

# زبانن جا خاندان

مغربي محقق ميريو پي (Mario pei) ۽ ٻين دنيا جي مختلف خطن جي زبانن جا خاندان خطي وار يا خصوصيت وار متعين ڪيا آهن. ڊاڪٽر ميريو پي پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب word's chief languages ۾ لکي ٿو ته. ”جيڪو ماڻهو انگريزي، فرينچ، جرمني، اسپئنش، پورچوگيزي، اطالوي، روسي ۽ جپانيءَ جو ٿورو گهڻو عملي تجربو رکي ٿو، سو سڄي دنيا گهمي سگهي ٿو. عربي ۽ چيني به ڄاڻي ته وڌيڪ بهتر آهي(1).

جيتوڻيڪ وقت گذرڻ سان محقق طرفان هن موضوع تي گهڻو بحث ٿيو آهي ۽ تقسيم در تقسيم سبب ٻولين جي ڪٽنبن ۽ ذيلي شاخن ۾ تبديلي به آئي آهي، پر ميريو پي جي ڪيل تقسيم موجب دنيا ۾ ٻولين جا اَٺ وڏا خاندان آهن. اُهي آهن: آريائي، سامي، چينائي، منگوليائي، ملائي، دراوڙي، بانتوي ۽ اصلي آمريڪائي.

آريائي زبانن جا وري ٽي ڪٽنب آهن: يورپي، ايراني ۽ هندي. ايئن يورپي زبانن جون وري ڇهه شاخون آهن: روماني، جرماني، سيلٽائي، بالتائي، سلواني ۽ الباني.

روماني ڪٽنب ۾ فرينچ، اسپئنش، پورچوگيزي، اطالوي ۽ روماني زبانون شامل آهن. جرماني گروهه ۾ انگريزي، ڊچ، جرمن، سوئيڊش ۽ ڊئنش سميت ڪي ٻيون پاڙيسري زبانون شامل آهن. سيلٽائي (celtic) خاندان ۾ اسڪاٽش، آئرش ۽ ويلش وغيره شامل آهن. بالتائي (Baltic) ڪٽنب ۾ لٿوئني ۽ ليٽش ٻوليون داخل آهن(2).

سلوائي گروپ ۾ روسي، پولش، سلاوڪ ۽ بلگيريائي زبانون اچي وڃن ٿيون. اهڙيءَ طرح الباني گروپ ۾ الباني ۽ ٻيون پرپاسي جون زبانون شامل آهن.

ايراني خاندان ۾ فارسي، بلوچي، ڪُردي ۽ پشتو اچي وڃن ٿيون. هندي خاندان ۾ بنگالي، آسامي، هندي، اُردو، مرهٽي، گجراتي ۽ سنهالي/ سنگهالي زبانون اچي وڃن ٿيون(3). پروفيسر جتوئي، سنڌيءَ جي باري ۾ لکي ٿو تہ: ”سنڌي، پنجابي، ملتاني ۽ ڪشميري زبانون وري انهيءَ آريائي زبان مان نڪتل ڏسجن ٿيون، جا ايراني ۽ هندي خاندانن جي وچ واري ڪڙي هئي. اسين اُن کي سنڌو خاندان سڏي سگهون ٿا. يورپ جي گهومُو قوم جپسين جي ٻولي بہ قريل سنڌي آهي(4).“ جپسين کي جرمنيءَ ۾ سنڌي سڏجي ٿو.

سامي زبانن جي گروه ۾ عربي، عبراني، سرياني، آرميني ۽ حبشي زبانون شامل آهن. چينائي زبانن ۾ چيني، ٿُبيٽي، برمي، ٿائي ۽ ٻيون زبانون شامل آهن. منگوليائي گروپ ۾ منگولين، ترڪي، توراني، منچوريائي ۽ ڪوريائي شامل آهن. ملايائي خاندان ۾ ملايائي، جاوائي، ٻاشا (انڊونيشيا) ۽ ڪي آسٽريليا جون زبانون اچي وڃن ٿيون. دراوڙي خاندان ۾ تامل، تيليگو، ڪنڙ، بروهڪي ۽ ملايالم شامل آهن. بانٽوي خاندان ۾ سواهلي، بانٽو ۽ ٻيون آفريڪي زبانون شامل آهن. آمريڪائي گروهہ ۾ آمريڪا جي اصل رهاڪن ريڊ انڊين ۽ ٻين جون زبانون شامل آهن. ايئن دنيا ۾ ڪي غيرمشهور زبانون بہ ڪنهن نہ ڪنهن گروپ سان شامل ۽ نهڪندڙ هونديون(5).

هي زبانن جا وڏا خاندان آهن، جن جو مطالعو ضروري آهي. انسان کي تہ موت جو ذائقو چکڻو ئي آهي، پر ڪي زبانون رابطي ۾ نہ رهڻ ۽ ٻين زبانن مان لفظ نہ کڻڻ جي ڪري مري وڃن ٿيون. مغرب ۾ لئٽن ۽ مشرق ۾ سنسڪرت انهن زبانن مان آهن، جي ڪتابن ۽ مندرن ۾ محدود ٿي رهجي ويون ۽ عام خلق جون زبانون نہ رهيون. لئٽن جا ڪافي لفظ يورپي زبانن ۾ شامل ٿي ويا ۽ سنسڪرت بہ وڏن پنڊتن، ودوانن ۽ محققن تائين محدود ٿي ويئي. آل انڊيا ريڊيو تان سنسڪرت ۾ نيوز بليٽن نشر ٿئي ٿي، اُن کي بہ ڪي سمجهُو سمجهن. ڪي زبانون، ڳالهائيندڙن جي کوٽ سبب بہ آهستي آهستي مري ويون. انهن ۾ ريڊ انڊين جون ٻوليون اچي وڃن ٿيون.

زبانن جي خاندانن جو مطالعو لسانيات جي شاگردن لاءِ انهيءَ ڪري

بہ اهم آهي تہ هُو مختلف گروپن جي زبانن ۾ هڪ جهڙايون يا نرالايون/ آراڏايون پيتي سگهن ۽ خصوصيتن جو اڀياس ڪري نتيجا ڪڍي سگهن. هن لاءِ مختلف زبانن جي حقيقي ڄاڻ بہ ضروري آهي، يعني متعلقہ زبانون ڳالهائڻ، لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ اچن.

## حوالا:


(1) Mario A. Pei, world's chief languages, George Allen & Linwin London, 1954, p.15.

2_ علي نواز جتوئي، ص ص 186 _ 187.

3_ ايضاً، ص 187.

4_ ايضاً، ص 187.

5_ زبانن جي گروپن جو وچور ميرين پي ۽ جتوئي صاحب جي ڪتابن جي مدد سان تيار ڪيو ويو آهي.

## باب ٽيون

# سنڌي ڪنڌ جون ڪي زبانون

هي سنڌو ڪنڌ هند پاڪ ٻولين جي گهڻي تعداد ۽ رنگارنگيءَ جي ڪري اڀياس لاءِ دلچسپ آهي. مختلف زبانون جيڪي هڪ ئي خاندان مان هجڻ ڪري سڪڻ ۾ به آسان آهن. قديم زبانن پالي ۽ پراڪرت (۽ اُن جي قسمن) ڪي چڏي سنسڪرت، عالمن ۽ پنڊتن جي اڀياس هيٺ رهي آهي. هندوستان جي مختلف زبانن جي لفظن جي ذخيري جو سرچشمو سنسڪرت آهي. سيني ۾ مقبول هندي آهي. اُن جو شبد ڀنڊار (vocabulary) سنسڪرت مان ئي آهي. اُن ڪري ريڊيو تان هندي نيوز بليٽن ٻڌڻ واري لاءِ به سنسڪرت سمجهڻ آسان آهي. سنسڪرت ڪيتري قديم آهي، اُن لاءِ پڪ سان ڪجهه چوڻ مشڪل آهي. ڪاٿو لڳايو ويو آهي ته ويدن واري (vedic) سنسڪرت گهٽ ۾ گهٽ ته به 2500 سال ق. م کان هلندڙ آهي. رگ ويد اندازاً 1500 سال ق. م جا لکيل آهن. اُن کان پوءِ پراڻن واري سنسڪرت اٽڪل 1000 سال پوءِ جي آهي. اُن کان پوءِ مشهور نحوي (Grammarian) پاڻيني (Panini) جو دور اچي ٿو. سنسڪرت ۾ ڪيترا اهم شاستر به لکيا ويا، جن کي هندو ڌرم ۾ بنيادي حيثيت حاصل آهي. سنسڪرت جي لپي (Script) ديوناگري (Devanagri) آهي.

مشهور شاستري، ڪي شري نواس آچاري لکي ٿو ته: ”لفظ سنسڪرت“ جيئن هاڻ ڪم اچي ٿو، اُن جي معنيٰ آهي ”سنو ڪيل ۽ صاف ٿيل“. دنيا جا اهم ڪتاب ويد، هن زبان ۾ لکيل آهن. اُن ڪري هندوستان جي تاريخ، ثقافت ۽ ورثي کي سنسڪرت جي مڪمل ڄاڻ کان سواءِ سمجهڻ ناممڪن آهي. ڀارت جي ماڻهن جو اهو اعتقاد رهيو آهي ته هيءَ ديوتائن جي ٻولي (ديوَ ڀاشا / واڪ) آهي(1).

سنسڪرت ۾ ڌرمي ۽ سماجي لٽريچر ۽ شاعريءَ جا دفتر موجود آهن. ڪن ڪتابن جو سڌو / اَڻ سڌو سنڌيءَ ۾ بہ ترجمو ٿي چڪو آهي. سنسڪرت جي ننڍن جملن (simple sentences) جا مثال هي آهن:

| جملو | | | معنيٰ | |
|---|---|---|---|---|
| بلا نَمَتي | | | | بارسلام ڪري ٿو |
| پُتره وَدَتي | | | | پُٽ ڳالهائي ٿو |
| اِسمَ | اَجهه | (ٻڪري) | گاجهه | (هاٿي) |
| | اَشوَ | (گهوڙو) | وانرَ | (ڀولڙو) |
| فعل | ڏاوَ | (ڊوڙڻ) | درشَ | (ڏسڻ) |
| | پَچَ | (پچائڻ_ رڌڻ) | | |

ڪي جملا سنڌيءَ سان ڀيٽجن تہ دلچسپ هڪجهڙا ۽ آسان آهن. مثلاً:

سيوڪَ، آمر پچتي، سنڌيءَ ۾ معنيٰ ٿيندي نوڪر/ بورچي ڪاڌو رڌي (پچائي) ٿو. لفظ سيوڪ، اَنم (اَن) پچتي/پچائي ظاهر بيٺا آهن. لفظن جي ڀنڊار جي مدنظر ڳڻجي تہ بيشمار لفظ سنڌيءَ سان ملن ٿا. سنسڪرت ۾ عربيءَ وانگر ٽي عدد (واحد، تثنيو ۽ جمع) آهن. جيئن اَهم (آءٌ) آوام (اسين- ٻہ) ۽ وَيَم (اسين سڀ)

بهرحال هيءَ قديم زبان هڪ اثر انداز ٿيندڙ زبان رهي آهي، هن جو اثر موجوده ڏيهي ٻولين هندي، سنڌي، پنجابي، گجراتي ۽ راجستاني وغيره تي آهي.

**هندي:**

هندي زبان ۾ 44 حرف آهن. هيءَ زبان ديوناگري (Devanagri) لپيءَ ۾ لکي ويندي آهي. بڻ بنياد جي بحث کان قطعہ نظر رڪارڊ تي آهي تہ هنديءَ جو شبد ڀنڊار (vocabulary) سنسڪرت مان آهي. هندي ۽ اردو ۾ فرق فقط لفظن ۽ لپيءَ جو آهي. هنديءَ جي برخلاف اردوءَ ۾ گهڻا لفظ عربي، فارسي ۽ ترڪيءَ مان (پوءِ) آندل آهن ۽ عربي رسم الخط (لپيءَ) ۾ لکجڻ ۾ آئي، نہ تہ اصل زبان هندي ئي آهي. هن کي هندوستاني بہ سڏيو ويندو هو.

هنديءَ ۾ پراڻي زماني کان شاعر (ڪوَي) ٿيا آهن. جن مان ڪن جو غلغلو سنڌ ۾ بہ ٿيو. شاهہ جي رسالي جو "سُر بيراڳ هندي" اُن جو ثبوت آهي. دادو سورداس، تلسيداس، ڪبير، ميران ٻائي، سهجو، رجب جي ۽ ٻيا ڪيترا شاعر، هن لڙهيءَ ۾ آهن. دوها، ٻچن توڙي پوئين دؤر ۾ گيت بہ سنڌ تي اثرانداز ٿيو. ڪبير چيو:

ڪبيرا آپ ٺگائيي، اور نہ ٺگيي ڪوءِ،
آپ ٺگي دک اوُپجي، اور ٺگي دک هوءِ.
ماٽِي ڪَهي ڪُمهار ڪو تُو روندي هي موهي،
اِڪ دن ايسا آئي گا، مين روندون گِي توهي.

–

ساجن هم تُم ايڪ هين، ديکن ڪي هين دو،
من سي من ڪو توليي ڪيي نہ دو من هو.

سهجو ٻائيءَ جا دوها بہ نهايت پُر اثر، رقت آميز ۽ جذبات سان پُر آهن:

بانهن ڇُڙائي جات هو، نربل جان ڪي موهي،
هردئي مين سي جائوگي، تو مرد بندوگي توهي.

–

نينهن سگا سوئي سگا، هد سگا نا ڪوءِ،
مان بيٺي ترِيا جري، اچرج جگ ڪو هوءِ.

ميران ٻائيءَ جا ٻچن، گيت ۽ اندر جا آلاپ ڪنهن کان ڳجها آهن! هن ٻچن تہ هند سنڌ ۾ رنگ لائي ڇڏيا:

اي ري مين تو پريم ديواني، ميرا درد نہ جاني ڪوءِ
سولي اوپر سيج هماري، ڪس بِد سونا هوءِ؟

ڀارت جي مختلف صوبن (پرانتين)° کي پنهنجون زبانون آهن، پر گهڻي ڀاڱي هندي بہ رابطي جي زبان آهي.

## گجراتي:

هيءَ سنڌ جي ڏکڻ۔ اوير جي پاڙيسري زبان آهي. ڪڇ رياست اڄ ڀارت جي هڪ ضلعي طور موجود آهي. ڪڇي زبان/ محاورو سنڌيءَ جو حصو بہ آهي. گجراتي هڪ جدا زبان آهي. ڪڇي محاوري ۾ سنڌي زبان ڪي ويجهي بہ آهي. سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ ڀڄ (اڳوڻي ڪڇ رياست جي راڄ ڌانيءَ) جي وچ ۾ ڪڇ جو رڻ آهي. ملڪ جي تقسيم کان اڳ اڄ وچ ۾ سڱابنديون بہ عام هيون. بدين ۾ لاڙ جي ٻين شهرن ۾ ڪڇي خاندان آباد آهن. مينگهواڙ ۾ ڪي ٻيون جاتيون ڪڇي ڳالهائين ٿا ۽ ڪاريا گجراتي/ ڳزراتي ڳالهائين ٿا.

گجراتيءَ ڪي پنهنجي لپي آهي، جيڪا ديوناگريءَ سان ملي ٿي. سنڌيءَ سان گجراتيءَ جي ڀيٽ ڪجي تہ هڪڙو هينيون مثال معنيٰ ۾ جملي جي ستاءَ جاچڻ لاءِ ڪافي آهي:

| سنڌي | گجراتي |
|---|---|
| باندر وينو آهي | واندرو بيٺو ڇي |

## پنجابي:

پاڪستان ۾ پنجابي، عربي رسم الخط ۾ لکي وڃي ٿي ۽ ڀارتي پنجاب ۾ گرمُکي رسم الخط ۾ لکجي ٿي. پنجابي زبان ۾ گرونانڪ ۽ ٻين سک گروئن جي ڪلام سميت شاهہ حسين، دمودر، بابا بلهيٰ شاهہ، وارث شاهہ، ميان محمد بخش ۽ ٻين ڪيترن شاعرن جا ابيات، ڪافيون، سي حرفيون، باره ماسا ۽ ٻين صنفن ۾ ڪلام موجود آهي. پنجابي بہ صرف و نحو جي مدنظر سنڌيءَ سان ملي ٿي. هيءَ زبان موجوده وقت تحرير جي لحاظ کان ترقي يافتہ نہ آهي جو پنجاب (پاڪستان) ۾ تعليم جي ابتدائي ذريعي طور اردوءَ کي اختيار ڪيو ويو آهي.

پاڪستان پنجابي ادبي بورڊ طرفان ڪي ڪتاب ۽ ادبي رسالو نڪري ٿو جيڪو ڀارت جي ادبي دنيا سان بہ منسلڪ رهندو اچي.

## سرائيڪي:

هيءَ زبان پنجاب جي ڏاکڻين حصي جي هڪ اهم زبان آهي. خواجہ

غلام فريد، مولوي لطف علي ۽ ٻيا ڪيترا شاعر ۽ اديب آهن، جن هن زبان جي چمن جي آبياري پئي ڪئي آهي. خواجه فريد جي ڪلام ۾ ڪي سنڌي ڪافيون بہ آهن، ڇو جو سندس وڏن جو اصل وطن سنڌ هئي. پنجاب ۾ سرائيڪي زبان جي ميجتا نہ آهي ۽ سرائيڪيءَ کي پنجابيءَ جو هڪ محاورو (dialect) ڪري ڄاتو وڃي ٿو. ڊاڪٽر شهباز ملڪ پنهنجي تاليف "پنجابي ڪتابيات" ۾ سچل سرمست جي سرائيڪي ڪلام کي بہ پنجابي ڪري لکيو آهي.

## راجستاني:

راجستان، اوير ۾ ٿر سان متصل آهي. ٿر سان لساني ۽ ثقافتي طور لاڳاپيل بہ آهي. ٿري محاوري ۽ ڍاٽڪي زبان سان بہ سرحد پار (پارت) لساني لاڳاپا آهن. جوڌپور ۽ جئپور جي ريڊيو نشريات ٻڌي ۽ 2005ع ۾ پنهنجي ڀارت جي سفر ۾ راجستان جي قيام دؤران مون اهو محسوس ڪيو تہ سنڌ ـ راجستان سرحدن جي ٻنهي پاسي لساني مائٽي، جيڪا صدين کان هلندي اچي، سا اڄ بہ پڪي آهي. سفري رابطا ٿيڻ سان اڃان بہ هيءَ مائٽي پڪي ٿيندي.

سنڌي زبان جي قديم دؤر جو هي دوهو بہ هڪڙو پيغام ڏي ٿو:

ڍَلا هُئا ڄَہ ماريا، ٻَهڻ مهارا ڪَنت.
لجيجن ويسئي، جي آيا گهر من انت.

انومان لڳايو ويو آهي تہ هي دوهو ذڪر ڪيل ايراضيءَ جو آهي. دوهي جي وزن جي سلسلي ۾ بہ هنديءَ سان گڏ ڊنگل (ڏنگل ـ Dingal) ۽ گجراتي جون بہ هيئتون ٺٺويري دوهو ۽ ٻڙو دوهو سنڌ سان هم آهنگ آهن(2).

بهرحال باضابطہ مطالعي سان سنڌي ۽ راجستانيءَ جي لساني رابطن بابت وڌيڪ يقين سان ڪجھ چئي سگهبو.

## ٻيون ٻوليون:

هنن زبانن کان سواءِ پاڙيسري ٻوليون ٻيون بہ آهن، جن جو سنڌيءَ سان لساني، صوتياتي ۽ سٽاءَ جي هڪجهڙائي، ۽ ڪٿي فرق بہ آهي. اُنهن ۾ ڪشميري، گجري، مراٺي، ڊوگري، بنگالي ۽ ڀوجپوري وڌيڪ اڀياس جي تقاضا ڪن ٿيون.

ڏکڻ ڀارت ۾ دراوڙي خاندان جون ٻوليون ٻه آهن. اُهي سنڌ کان گهٽ ٻري ٻه آهن. اُنهن ۾ تامل، تيليگو، ڪنڙ ۽ ملايالم اچي وڃن ٿيون. مون 2005ع ۾ پنهنجي سفر دوران بنگلور، حيدرآباد دکن ۽ ٻين شهرن ۾ اِنهن ٻولين جا آواز ٻڌا ۽ محسوس ڪيم ته ڏکڻ جي زبانن جو به ڪجهه نه ڪجهه مطالعو ڪجي، جيئن آريائي ۽ دراوڙي لاڳاپي جي پروڙ پوي. اُهو تڏهن جڏهن لساني ماهر ٻوليون ٻه سکن، خالي ڪتابن جا حوالا ڪافي نه آهن.

## حوالا:


1ـ شري نواس آچاري، ڪي Learn Sanskrit، بالاجي پبليڪيشنز مدراس (چنئي) 1985ع، ص 12.

2_ Jotwani, Motilal, Shah Abdul Latif, His Life & Work, Shah latif Cultural Centre, 2006, pp.75_78.

# باب چوٿون

# سنڌيءَ جو بُڻ بنياد

سنڌ جي آڳاٽن رهاڪن جي رهڻي ڪهڻي ڪهڙي هئي، اُها آثار قديمه جي ماهرن جي کوجنائن مان ڪجهه نه ڪجهه ظاهر ٿيندي آئي آهي ته به سنڌ جي آڳاٽن رهاڪن جي زندگيءَ ۾ زبان جا اهم پهلو اڃان اجاگر ڪونه ٿيا آهن "تاريخ کان اڳ واري زماني ۾، جيڪو پٿر وارو زمانو سڏجي ٿو، تنهن جي دؤران ڪي اهڙيون شيون مليون آهن، جن کي نئين پٿر واري دؤر سان تعبير ڪيو ويو آهي(1)."

هي عنوان سنڌيءَ لاءِ هڪ اهم ۽ بنيادي عنوان آهي. محققن، شاگردن ۽ عام مطالعو ڪندڙن هن عنوان ۾ شروع کان گهڻي دلچسپي پئي ورتي آهي. مون سنڌيءَ جي هڪ طالب علم جي حيثيت سان ابتدا کان هن عنوان تي پئي سوچيو آهي. فقط سنڌيءَ جي محاورن (dialects)، اُچارن ۽ انهن سان لاڳاپيل ڪن پهلوئن تي مضمون ۽ مقالا لکيا هئم. سوچيندو رهيس ۽ ڪن نُڪتن جا ڊائريءَ ۾ نوٽس وٺندو رهيس. سنڌي زبان تي ڪتاب لکڻ جو ارادو ڪندي، هاڻي ابتدا ڪئي اٿم. ته بڻ بنياد وارو معاملو بنيادي اهميت جو محسوس ٿيم.

هن کان اڳ جن به عالمن سنڌي زبان جي اصل نسل ۽ بُڻَ بابت لکيو آهي، تن مان ڪي ٿورا قديم زبانن جا ڄاڻو هئا/ آهن. اُنهن مان ڪن ڪتابن جي ٽيڪ سان لکيو ته هيءَ ڳالهه سنڌيءَ ۾ هيئن آهي، سنسڪرت ۾ هونئن! ڇا سيني کي سنسڪرت جي حقيقي ڄاڻ هئي/ آهي؟ هُو لکي پڙهي ۽ ڳالهائي سگهندا هئا/ آهن؟ هن سوال جو جواب يقيناً اِهو آهي ته فقط ڪو هڪ هن سلسلي ۾ نمايان رهيو/ آهي. نهايت احترام سان آءٌ سيني محققن ۽ عالمن کي پوءِ به داد ڏيان ٿو: پر هي نُڪتو وڏيڪ اهم ۽ بنيادي نوعيت جو آهي ته

سنسڪرت ۽ ٻين قديم ٻولين ڄاڻڻ جي هڪ سطح تمام ضروري آهي. آءٌ سنسڪرت کي هن سلسلي ۾ وڏيڪ اهميت ڏيان ٿو. اُن ڪري ئي مون اندازاً 1988ع کان وٺي ديوناگري لپي سکڻ شروع ڪئي. ڪي ڪتاب هٿ ئي مليا. هندي سکڻ لاءِ ڪتاب اُن سال ئي لنڊن مان ورتم. هڪ ڪتاب سنسڪرت سکڻ لاءِ به ورتم ۽ ڊڪشنري به. 2000ع ۾ دهليءَ مان به ڪي ڪتاب ورتم. ايئن مطالعو ڪندي، سنسڪرت ۽ هندي به سکي ورتم. اُن ڪري به همت وڌي ۽ سنڌيءَ جي بُڻ بابت لکڻ جو حوصلو ٿيو. مون کي احساس آهي ته هن دشت ۾ بُڻ بنياد جي تلاش ڪندي، سنسڪرت سان مڪا ميلو ٿيڻ اڻ ٽر آهي. آءٌ پنهنجي مطالعي جو تت هن باب جي آخر ۾ ڏيندس.

پيرومل کان وٺي جن به عالمن سنڌيءَ جي بڻ بنياد بابت لکيو آهي، تن سچ ته وڏي جاکوڙ ۽ ڪاهوڙ ڪئي آهي. انهن جي ڪيڏيل نتيجن ۾ بنيادي ۽ ڪيئي جزوي فرق به آهن. آءٌ اُنهن جو دل جان سان قدر ڪريان ٿو. سڀني جي پيش ڪيل نظرين جو مطالعو ڪندي، آخر ۾ آءٌ پنهنجي راءِ / تجويز ڏيندس جيڪا آئندي لاءِ بحث جوڳي هوندي يا نه اِهو محققن تي ڇڏيل آهي.

پيرومل مهرچند آڏواڻي (1886_ 1953ع)، جنهن کي پيار وچان ڪاڪو پيرومل به سڏيو ويندو آهي، تنهن سنڌ جي زبان، ثقافت، لطيفيات ۽ تاريخ بابت ڪيترا مقالا لکڻ سميت اندازاً 45 ڪتاب لکيا، جن ۾ ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“، ”قديم سنڌ“، ”گلقند“، ”سنڌ جو سيلاني“، ”لطيفي سير“، ”غريب اللغات“ ۽ ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“ اهم آهن. ٻهرين ٻن ڪتابن ۾ هن سنڌي زبان ۽ سنڌ جي رهاڪن جو خصوصي بيان ڪيو آهي.

ٻوليءَ جي تاريخ ۾ ڪاڪي پيرومل آرين بابت مختصر بيان آندو آهي، پر ”قديم سنڌ“ ۾ تفصيل سان آرين جو ذڪر ڪيو اٿس. آڳاٽا آريا لوڪ اصل ڪٿي جا هئا ۽ انهن جا عقيدا ڪهڙا هئا. اُن لاءِ هتان جي ماڻهن ۽ يورپ جي ماڻهن جي ويچارن بابت اٿرويد مان هڪ مثال ڏيندي ڪاڪو پيرومل لکي ٿو ته: ”آڳاٽن آرين آڪاس يا آسمان کي ديوس پتر (ابو آڪاس) ۽ آڪاس جي مکيه ديوتا (ورڻ ديوتا) کي ساري جهان جو پيءُ، پرٿوي يا ڌرتيءَ کي ماءُ سڏيو؛

سو اڳي شاعراڻي خيال وچان(3).“ اِن خيال کي مشهور يوناني شاعر هومر (Homer) هوبهو پنهنجي نظم ۾ ظاهر ڪيو(4). اِها ڳالهه ڪنهن نه ڪنهن طرح قديم رابطا ظاهر ڪري ٿي.

هن سلسلي ۾ جيڪا به تحقيق ٿي آهي، اُن ۾ آرين جو نالو ضرور اچي ٿو. اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته آريا اصل ڪٿي جا هئا. اُتان هُو ڪيڏانهن پکڙيا. يورپي محققن اِن سلسلي ۾ پهرين مطالعو ڪيو ۽ پنهنجا ڪڏيل نتيجا ظاهر ڪيا. سر وليم جونس، فرائسز باپ، لوڪ مايه تلڪ، مئڪس مُلر ۽ بين يارت ورش جي ويدن جو اڀياس ڪري، سنسڪرت سان يورپي ٻولين جي ڀيٽ ڪري، اهو ڄاتو ته قديم هند ۽ يورپ جي رهاڪن جا ابا ڏاڏا ڪنهن هڪڙي هنڌ رهيا هوندا ۽ اُتان مختلف خطن ۾ پکڙيا. اِهي ئي آريا آهن (5). مختلف نظرين موجب انهن جو ماڳ اُتر قطب کي ويجهو، ميرو پربت، وچ ايشيا يا ڪٿي اسڪينڊينيويا ڄاتو ويو. ڪيترين قومن پاڻ کي آريا سڏائڻ ۾ فخر ڄاتو. جرمنيءَ جي رهاڪن چيو اسين آريا آهيون، ته پوءِ سڄو مشرقي ۽ مغربي يورپ چونه آريو هجي! افغان بادشاهه ظاهر شاهه جي زماني ۾ افغانستان به آريا هجڻ جو دعويدار هو. آريانا ايئرلائن ڄاتي ويئي. ايران جي اڳوڻي شهنشاهه جو نالو هيئن لکيو، پڙهيو ويندو هو: ”آريا مهر رضا شاهه پهلوي“.

ايرانين جي پنهنجين کوجنائن ۽ دعوائن موجب ڳالهه وري هيئن بيٺي ته: ”هندي آرين ۽ ايراني آرين جو تمدن 7000 ق. م جو آهي. اُهي هڪ ئي نسل مان آهن. شروع ۾ هنن ٻن گروپن جي زبان ۽ عقيدا ساڳيا هئا. رگ ويد ۽ زند اوستا مان انهيءَ ڳالهه جي ثابتي ملي ٿي ته آريا قبل از تاريخ واري دؤر ۾ پامير جي واديءَ ۾ گڏ رهيا آهن، پوءِ ڪن سببن ڪري اُتان لڏ پلاڻ شروع ٿي. پامير جي ڏکڻ اولهه ۽ وچ ايشيا مان ٻاهر نڪري، هند ۽ ايران جي مختلف حصن ۾ پکڙجي ويا(6).“

ٻئي ايراني عالم ڊاڪٽر ذبيح الله صفا به انهيءَ ڳالهه جي پٺڀرائي ڪندي لکيو ته: ”هند ۽ ايران جون قديم قومون جيڪي پاڻ کي اِري يا ايئري (بهادر ۽ نجيب) سڏائن ٿيون، سي انهن قبيلن مان آهن، جيڪي سنڌ ۽ گنگا

جي وادين ۾ اچي آباد ٿيون هيون. سي (اُتان) ايران ۾ آيون. انهن ايران کي آريا قوم جو مسڪن سڏيو.(7)"

ايران نالو اهو اشارو ڪري ٿو ۽ هوڏانهن آئرلينڊ (Ireland) وارن جي به اِها دعويٰ آهي ته سندن ملڪ "آرين جي سرزمين" آهي. نالو اها ڳالهه ظاهر ڪري ٿو. خير آرين تي تمام گهڻي تحقيق ٿي آهي ته به اجان ڳالهه گمان ۾ گڏيل آهي، جڏهن پڌري ٿئي.

هڪڙو عام رايو اهو به آهي ته آريا اُتر کان حملي آور ٿيا ۽ هند ۽ سنڌ جي ماڻهن کي هيٺ ڏِڪي چڏيائون جيڪي اَڻ آريا/ اڻ سڌريل يا دراوڙ (Dravidians) هئا. شايد خاص اشارو تامل ناڊ، ڪرناٽڪا، ڪيرالا ۽ دکن سميت ٻين ڏاکڻن علائقن ڏانهن هجي. ان ئي بنياد تي اعتبار ڪجي ته جاتين، زبانن ۽ سنگيت جا به گروپ ٺهي ويا.

پر جو اڻ سڌريل چيو ويو، اِهو ته حملہ آور جي زبان ۽ ذهن کي ظاهر ڪري ٿو. نہ رڳو ايترو، پر حملي آور، مقامي ماڻهن کي ذهني طور به پستيءَ طرف ڌڪيندا ويا. اِهو عمل اڄ به جاري آهي. مذهب به اِن سلسلي ۾ اختيار ۾ نٿو آندو وڃي. سنڌ به اِهي ڏک برداشت ڪندي اچي. ڪاڪي ڀيرومل 'اڻاسو' لفظ جو ذڪر ڪندي اِن صورت حال جو جائزو ورتو آهي. هو لکي ٿو ته: "دراوڙن جي صاحبيءَ ۾ آريا لوڪ اتر هندوستان تي ڪاهي آيا. آرين ۽ دراوڙن جي وچ ۾ ڪي جنگيون لڳيون تن جو رگ ويد ۾ جهجهو ئي ذڪر آهي. آرين ڌڪار وچان اَڻ آريا لوڪن کي ڪرشڻ، (سانورو يا ڪارو) داس (غلام)، دسيو (رهزن) ۽ آناسا ڪوٺيو. رگ ويد ۾ اناس لفظ رڳو هڪ ڀيرو ڪم آيل آهي ۽ هن وقت سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن به ٻوليءَ ۾ اهو لفظ ڪونهي(8)."

عالمن هن لفظ جي معنيٰ Nose_less (جنهن کي نڪ نہ هجي) ڪئي ۽ ڪن سنسڪرت عالمن هن لفظ جي معنيٰ اِها ڪئي ته جنهن کي وات نہ هجي. انهن ڏنو ته اهو لفظ آرين جي سوچ موجب اَڻ آرين لاءِ ڪتب آندو ويو جو هُو ويدن کي صحيح طور پڙهي نہ سگهندا هئا. ناس معنيٰ ڦونٽي (نڪ جي)

Nostril اصطلاحي معنيٰ ۾ جيڪو نود يا ٻي شرم هجي، جنهن کي "ناس پتو" نہ هجي سو ٿيو اٺاسو. اِها عام ۽ آسان معنيٰ آهي. سچل سرمست هڪ هنڌ فرمائي ٿو:

ثابت سچل سچاري، يارن جي ياد ياري،
وحدت جنين وساري، تن تن متي اَٺاسي. (9)


بهرحال هنئ اشارو پنهنجي پر ۾ بہ چٽو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ زبانن جي اڀياس مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ مشرق ۽ مغرب جي ذڪر ڪيل خِطن جون زبانون هڪ ٻئي کي قريب رهيون آهن. اُن ڪري هندي آريائي زبانن جي ڀيٽ ڪندي ڪيترن لفظن ۾ هڪ جهڙائي ڏٺي ويئي.

سنڌي زبان جو اصل نسل ڳوليندي سنسڪرت جو ذِڪر ضرور آيو آهي. محققن سنسڪرت کي ڏيهي ٻولين جي ماءُ، ناني ۽ پڙناني سڏيو. جن اختلاف ڪيو، تن چيو تہ سنسڪرت ڏيهي ٻولين/ سنڌيءَ جي ڌيءَ آهي. اِهو نظريو رد ڪرڻ وارن چيو تہ سنڌي سنسڪرت کان اڳ واري دور جي ڪنهن زبان مان نڪتي آهي. ٻين لفظن ۾ آريائي نسل مان / سامي سٽ/ توراني نسل مان آهي. بهرحال هي سچو بحث ڊگهو آهي. آءٌ اڳتي وڌڻ خاطر اُن جو تت هت آڻيان ٿو.

هن وقت تائين سنڌي زبان جي اصل نسلَ ڄاڻڻ لاءِ ماهرن جيڪا جاکوڙ ڪئي آهي. اُن کي جيڪڏهن حتمي ۽ فيصلہ ڪُن نہ چئجي تہ بہ ماهر پيرين جي تلاش جي جذبي جو داد ڏبو. گمان آهي تہ عيسوي سن جي ابتدا جي آس پاس سنڌي يا سنڌ جي ڪا زبان موجود هئي. جنهن پوءِ موجوده سنڌيءَ جي صورت اختيار ڪئي. عرب سياحن اُن کي سنڌي زبان سڏيو آهي. بشاري المقدسي ۽ الاصطخريءَ (9 ـ 10 صدي عيسويءَ) جي تحريرن مان اِهو ڄاڻجي ٿو تہ سنڌي عام ڳالهہ ٻولهہ جي زبان هئي. اِن لحاظ سان سياحن جي اچڻ کان گهٽ۾ اڳ ان صورت ۾ موجود هوندي. سومرن جي صاحبيءَ (1050ـ 1350ع) ۾ سنڌي شعر بہ ميسر ٿيا آهن.

سنڌيءَ کي شاخ سڏڻ جي باضابطہ ابتدا ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ پنهنجي ڪتاب سنڌي گرامر (1872ع) ۾، ۽ گريئرسن (1851ـ 1941ع)

پنهنجي ڪتاب Linguistic Survey of India ۾ ڪئي. ڪاڪي پيرومل "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" لکي گريئرسن (Grierson) جي راءِ کي هٿي ڏني. ڪاڪي پيرومل جي تفصيلي راءِ ۾ اهو چيو ويو ته سنسڪرت سڄي ڀارت ورش جي هڪ قديم زبان آهي. اُن جو هر خطي ۾ عمل دخل رهيو آهي. هيءَ زبان جيئن ته هندن جي ڌرمي ڪتابن ويدن جي زبان هئي ۽ پنڊتن اُن کي ڪتابن ۽ مندرن تائين محدود ڪيو. اُن ڪري عام خلق کان ڪٽجي ويئي ۽ اُنهن جي ٻوليءَ جو رخ به بدلجي ويو. پيرومل اُن تبديليءَ کي آرين جو مڌيه پرديش ۽ ٻين خطن ڏانهن وڃي رهڻ سڏيو آهي(10). محققن سنسڪرت جي مختلف تبديل ٿيل صورتن کي ٽن دؤرن ۾ ورهايو آهي: قديم ـ وچولي ۽ آخرين. اُها آخرين صورت ويدڪ سنسڪرت (Vedic Sanskrit) سڏجي ٿي. اُن کان پوءِ به تبديليون آيون ۽ پراڪرتون آيون. خود پيرومل جيڪي سنسڪرت ۽ پراڪرت جون معنائون ڏنيون آهن، تن موجب پراڪرت (فطري) پهرين ۽ سنسڪرت (صاف ٿيل) پوءِ اچڻ کپي. هن تي ٻين عالمن به اشارا ڏنا آهن. بهرحال ڪاڪي پيرومل ارتقاء جو مرحلي وار جيڪو خيال ظاهر ڪيو آهي، اُن جو چارٽ هي ٿيندو:




هڪ تقسيم ۾ پئشاچي پراڪرات جو به نالو آيو آهي ۽ اپڀرنش جا به قسم ڄاڻايا ويا آهن، جن مان جدا جدا علائقن جون ڏيهي ٻوليون جنم ورتي

چڪيون. هي فارمولو گهڻو وقت هليو. زبان جي ارتقاء تي ڪم ڪرڻ وارا محقق به سوچيندا رهيا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ٻوليءَ جي اصل نسل جي تلاش ڪندي، هڪ مقالو منظرعام تي آيو، جيڪو 1950ع ۾ سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ لاڙڪاڻي ۾ پڙهيائون. هي مقالو ڪانفرنس جي روئداد ”تحفہ لاڙڪاڻا“ ۽ پوءِ سماهي مهراڻ (1- 1959ع) ۾ به ڇپيو. اِنهيءَ نالي سان ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ“ طور 1962ع ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو.

هن ئي ڪتاب جا وڌايل ۽ سڌاريل ڇاپا به شايع ٿيا. آخري ڇاپي جو عنوان آهي: ’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ‘. هي ڪتاب 1999ع ۾ شايع ٿيو. ڊاڪٽربلوچ ٻوليءَ جي ارتقائي تاريخ ڪي ڇئن دؤرن ۾ ورهائي بيان ڪيو آهي. اُهي آهن: قديم دؤر، جنهن ۾ سنڌي يا سنڌ جون ڪي ٻوليون موجود هيون. ٻيو بنيادي دؤر، جنهن ۾ موجوده سنڌيءَ جي تشڪيل ٿي. ٽيون تعميري دؤر، جنهن ۾ سنڌي ٻولي ترقي ڪري ادبي ۽ لغوي منزل ماڻي، ۽ چوٿون علمي دؤر، جنهن ۾ مصنفن، محققن ۽ شاعرن جا علمي، ادبي ڪارناما صورت وٺي بيٺا(11).

ڊاڪٽر بلوچ، سنڌيءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ بحث ڪندي سنسڪرت مان سڌو نڪرڻ واري نظريي ۾ شڪ ظاهر ڪندي، پادري شرٽ ۽ بشپ ڪالڊويل جا حوالا آندا. اُن شڪ جا اسباب ڪن مجهول فعلن، متحرڪ آوازن ۽ ڪن نج سنڌي لفظن جي هجڻ جي آڌار تي هئا.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب هي خيال پيش ڪيو ته: ”سنڌي ٻولي سڌوسنئون سنسڪرت مان نڪتل نہ آهي، بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري مقامي پراڪرت يا پراڪرتن مان اُسري. اِها هند آريائي ٻولي آهي. لهندا (سرائيڪي، بهاولپوري، ملتاني، ديري والي، هندڪو)، ڪشميري ۽ اُترئين سنڌوماٿر جون دارڊي ٻوليون اُن جون ڀينرون آهن. ٻودو باش جي لحاظ کان اِهي مڙيئي سنڌو ماٿر جون آڳاٽيون هند آريائي ٻوليون آهن، پر سنڌ ۽ تاريخي ارتقاءَ جي لحاظ سان اِهي هن برعظيم جي ٻين هند آريائي ٻولين کان نراليون

آهن. چاڪاڻ تہ انهن جي بناوت ۽ اوسر ۾ مُندا ۽ دراوڙي ٻولين ڪان سواءِ هند ايراني ۽ اولھ ڪان ٻين داخل ٿيندڙ ٻولين جي اثر ڪي پڻ دخل آهي. سنڌي اُنهيءَ وراڇڊ اپيرنش مان نڪتل ڪانهي، جنهن جو اڳين نحوين ذڪر ڪيو آهي. سنڌيءَ جو خمير سنڌ جي سرزمين ۾ تيار ٿيو. اُن جو بڻ بنياد ان جو پنهنجو ئي موروثي سرمايو آهي، جنهن جي تاريخ سنسڪرت ڪان اڳ واري پروٽو پراڪرت يا پهرين پراڪرت تائين پهچي ٿي(12).“

اهوئي نتيجو ڪيندي ڊاڪٽر بلوچ لکيو تہ: ”سنڌ جي قديم از تاريخ، تهذيب جي ٻوليءَ جا آثار مئن جي دڙي جي ڪنڊرات مان مليل مهرن ۾ محفوظ آهن. انهيءَ قبل از تاريخي، قديم ٻوليءَ جي حقيقت معلوم نہ ٿي سگهي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اها ڪا سامي صفت هجي، جيڪا عراق جي قديم سميري تهذيب جي ٻوليءَ جي ساٿياري هُئي. مقامي طور اُن جي دراوڙي سلسلي ساڻ نسبت ٿي سگهي ٿي(13).“

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪڍيل هنن نتيجن جي جواب ۾ سنڌيءَ جي افسانہ نگار جناب سراج الحق ميمڻ بہ پنهنجا خيالات ظاهر ڪيا، جن ۾ بڻ بنياد جي ڳالھ ڪندي، هن موضوع تي ڊاڪٽربلوچ جي اوائلي مقالي (مهراڻ 1ـ 1959ع) سراج جي سوچ ۾ ڪي نيون ڳالهيون پيدا ڪيون. بحث مباحثا بہ ڇپيا. آخر سراج جو ڪتاب ”سنڌي ٻولي“ اپريل 1964ع ۾ شايع ٿيو. هي ڪتاب ڊاڪٽر بلوچ جي نظريي ۽ سنڌي تمدن بابت ظاهر ڪيل خيالات جي ردعمل ڪي بہ ظاهر ڪري ٿو. بهرحال ترتيب ۽ موضوعن جي چند چاڻ جي مدنظر محنت ۽ محبت سان لکيل آهي. موهن جي دڙي جي ٻوليءَ وارا آخري بہ باب نوان ۽ قابل مطالعہ آهن.

سراج صاحب پنهنجي نظريي ۾ بنيادي ڳالھ هيءَ چئي آهي تہ: ”سنڌي جيڪڏهن ڪن سنسڪرت لفظن جي مرهون منت آهي تہ سنسڪرت تي تہ سنڌيءَ جو اُن ڪان بہ وڌو قرض آهي. سنسڪرت تہ هڪ طرح سان سنڌيءَ جي ڄائي آهي. سڌي طرح نہ سهي، اَڻ سڌي طرح سهي(14)“.

سراج لفظن ۾ سنسڪرت جي 'ل' جو سنڌيءَ ۾ 'ر' ۾ بدلجڻ واري

نظريي کي بہ رد ڪري ٿو. ان لاءِ تہ سنڌي سنسڪرت جي ماءُ آهي، نہ ڌيءَ. اِن سلسلي ۾ ٻوليءَ جي صوتي نظام ۾ ڪن سنڌي آوازن لاءِ لکي ٿو تہ: "اوهان هندوستان جي ڪنهن بہ حصي جي رهاڪوءَ، بلڪ دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙ ماڻهوءَ کان ٻ، ڳ، ڄ، ڃ ۽ ڏ اُچارائي ڏسو. وڄ کي چوندا ونج، وغيره (15)."

سنڌ ۾ اهو خيال اڳ ۾ سنڌيءَ جي گهٽڻ حرفن / آوازن لاءِ ظاهر ڪيو ويئي ويو آهي. ٻهرين هندوستان (۽ پاڪستان) جي ڳالهہ ڪريون تہ: ڄ، ڃ، ٻ، ڏ سرائيڪيءَ ۾ بہ آهن. بلڪل چٽا چٽا. گجراتيءَ ۾ ٻ ۽ ڏ موجود آهن. اردو/ هنديءَ ۾ ڱ جو آواز لفظ جي آخر (final position) ۾ اچي ٿو. لکجي گ ٿو. اچار جي ڱ ٿو. مانگ کي اردوءَ ۾ مانڱ ڪري اُچارجي ٿو. هنديءَ ۾ تہ "ڱ"(ङ) الف_ ب ۾ موجود آهي ۽ سنسڪرت ۾ بہ موجود آهي، جوجو ٻئي ٻوليون ديوناگري لپيءَ ۾ لکجن ٿيون. دنيا ۾ هلجي تہ چينيءَ ۾ ڱ جو آواز لفظ جي آخر ۾ اچي ٿو. چنڱ (مهربان). هن ۾ گ نہ پر ڱ جو آواز چٽو ظاهر ٿئي ٿو. انگريزيءَ ۾ بہ لکَجي گ (G) ٿو، پر آخر ۾ ڱ جو آواز نمايان آهي. Sing ۾ اُچار سنگ نہ پر سڱ ظاهر بيٺو آهي.

ڃ، ڱ ۽ ڏ ويتنامَيءَ ۾ بلَڪل چٽا آهن. ڃ شروع (Initial position) ۾ اچي ٿو. ڃُئون نالو آهي. ڱُئون بہ نالو آهي. مونث ڱئين آهي. هن نالي سان پيڪنگ ۾ منهنجي ڪلاس پيڻ هئي. ڱئون ڪائوڪي آزاديءَ کان اڳ ڏکڻ ويتنام جو ڪٺ پتلي وزيراعظم هو. NG سان لکڻ ڪري مطالعو ٿيو آهي. نگوئن ناهي، ڱئون آهي. بلڪل چٽو چٽو. آءُ ويٽ نامين سان پڙهيو آهيان. اِسٽور ۾ هڪ ڪلاس پيڻ شوڪيس تي ٿونٿيون کوڙيندي مون کي چيو هو تہ "ڏ" تہ اُچاري ڏيکار. منهنجو جواب هو: "هَل ڙي ڏيڏري". ويتناميءَ ۾ "ڏ" چٽي چٽي موجود آهي.

هن نُڪتي کان قطع نظر چينيءَ ۾ 'تڙ، سڙ ۽ ٿِس آواز بہ آهن. تزجرمن ۾ بہ آهي " [illegible] " سان لکجي ٿو. بهرحال هي هڪ جملو معترضو هو ۽ وضاحت ضروري هئي. سراج صاحب جي محنت کي داد ڏبو. هن جو ٻوليءَ جي اصل نسل

بابت نظريو محنت سان بيان ڪيل آهي. اُن جو مطالعو ڪرڻ سنڌي زبان جي طالبن ۽ عاشقن کي، ليکڪ جي ڏنل دليلن جي روشنيءَ ۾ ڪرڻ کپي. آءٌ سندس موقف ورجايان ٿو تہ: "سنسڪرت سنڌيءَ جي ڄاڻي آهي."

ڀارت ۾ جن ماهرين لسانيات هن ڏس ۾ يا ٻوليءَ جي گرامر ۽ ٻين پهلوئن تي ڪم ڪيو آهي، اُنهن ۾ جيرام داس دولت رام، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، لڇمڻ خوبچنداڻي، پوپٽي هيرانندداڻي، ليلو رچنداڻي ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. سنڌ ۾ سنڌي زبان جي بڻ بنياد بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا جو نظريو آهي. هن خاص طور ڊاڪٽر رابرٽ ڪالڊويل جي گرامر جي آڌار تي سنڌيءَ کي غيرآريائي زبان قرار ڏنو ۽ انهيءَ آڌار تي ڪالڊويل جي ڪتاب وارا دليل ڏنائين. سندس تحقيق موجب سنڌيءَ جو شجرو هن ريت بيٺو:

تواراني ٻولي

موهن جي دڙي واري ٻولي

دڙاوڙي — بروهڪي — سئندوَ

سئندوَ

قديم سنڌي

وچئين دور واري سنڌي

هاڻوڪي سنڌي (16)

ماهرن جي هنن ڇئن اصل نسل وارن نظرين مان ڪنهن کي بہ رد ڪرڻ جي حيثيت ۾ نہ آهيان. منهنجا ڪي دليل هن ريت آهن تہ ماهرن ڪي متعلقہ ٻوليون مڪمل طور اچڻ کپن. هتي سڄو ممڻ سنسڪرت جي سر تي مڙهيو آهي تہ پيٽ لاءِ سنسڪرت اچڻ کپي. ڪتابن مان لفظ، عدد ۽ جملا نقل ڪري ڏيڻ سان ڳالهہ اڌوري رهندي. جي قبول آهي تہ بہ سنسڪرت، جي رد آهي تہ بہ

سنسڪرت! جي ماءُ آهي تہ بہ سنسڪرت، جي ڌيءَ آهي تہ بہ سنسڪرت! ۽ وري پيڻ بہ ويچاري سنسڪرت!!

آءٌ سنسڪرت کي اکيون بند ڪري ٻولين جي ماءُ سڏڻ نٿو گھران، پر قبول ڪرڻ/ نہ ڪرڻ لاءِ اهڙن دليلن جي گذارش ڪريان ٿو تہ هر صورت ۾ سنسڪرت (هڪ مثل زبان ئي سهي) سڪڻ کان پوءِ ڪا ڳالهہ وثوق سان چئي سگهبي. سنسڪرت لپيءَ سميت سڪڻ کان پوءِ پنهنجا ڪجهہ تاثرات مثالن جي صورت ۾ ڏيئي، آءٌ هن باب جي پڄاڻيءَ تي اچان ٿو. ٻولين ۾ اسمن (Nouns) جي ڏي وٺ گهڻي کان گهڻي ٿئي ٿي. اثر ۽ رابطي (Language in Contact) جي ڪري اهڙا ٺر وٺندڙ انگريزي اسمن، ٽيبل، چيئر، گلاس، مئجسٽريٽ، جج، ايڊووڪيٽ، اپيل، سمريءَ سميت، اسم وٺي چڪا آهيون. اِها ڳالهہ فطري آهي. سنسڪرت ۽ اُن جي عروج وارا بہ ڪي اسم سنڌيءَ ۾ آهن. جهڙوڪ:

سنتَ_ ٽنيا (ستمبا)، اَنمَ (اَن)، هرڻَ، سمندرَ وسمي (عجب)، ڪُڪُڙَ، راتري، پلولم (پل — ڪسي)، ليپي، آلس (آرس)، پروَتَ (پربت، جبل)، مارگ (مارڳ، رستو) پارَ (بار) ڪپهَ (ڪوه)، وَرَ (ڦيرو) وَنم (وڻ) مٽيہ (مٽيو)، وايو (واءُ، هَوا).

فعل بہ سنڌيءَ سان ربط ۾ آهن. ڪن جو واسطو هنديءَ سان آهي. مثلاً: پڇتي (پڇائڻ_ رڌڻ) ڌاوتي (ڊوڙڻ)، نمتي (سلام)، اِچَ (اِچا ڪرڻ) ۽ پٺتِ (پڙهڻ) وغيره. ڪي فعل هندي ۽ سنڌيءَ ۾ سنسڪرت جي حوالي سان هڪجهڙا آهن.

سنسڪرت ۾ عدد بہ ٽي آهن. عربيءَ ۾ بہ ايئن آهي. هتي ٻولين جا خاندان بہ آهن، پر عدد ٽي آهن: واحد_ تثنيہ ۽ جمع.

هن هيٺ لفظن (اسم، صفت ۽ فعل وغيره) جي هڪ چونڊ فهرست پيش ڪجي ٿي، جنهن ۾ سنڌي ۽ سنسڪرت جي ٻيٽ پسي سگهجي ٿي:

ونگھہ (وگهن، رڪاوٽ)، انڪہ (انگ)، چتم (دل)، پسي (پسڻ)، وستي (وسَڻ، هجڻَ)، وانر (باندر) هَس (ڪلڻ)، سُوَسره (سس)، سَيَله (سالو)،

پؤتري (پوٽي)، دوهترا (ڏوهٽو) دوهتري (ڏوهٽي) لجا (لڄ)، اُلوڪا (چڀرو، اُلوُ)، سرهَ (مٽو)، جهوا (جڀ)، ڪيس (وار)، انڏاه (انڊو)، پَنجرهَ (پڃرو) مَڪرهَ (مانگر مَڇ)، ويرمَ (وير)، پوڳ (وندر)، دوشَ (ڏوهه)، لوڀَ (لوڀ)، لوپي (لوپي)، ڪُڪٽي (ڪڪڙ مادي) آشا (آشا)، مانوَ (ماڻهو)، ٻيڪشتہَ (ٻُڪ)، ٻرگهم (ٻگهو)، داسي (داسي)، سوامي (سُوامي، سائين) جَنَ (ڄڻو)، بندي (بندي، قيدي)، ڏنڊهَ (ڏنڊ، سزا)، دُڪتَ (ڏڪويل)، نندا (نندا، گلا، مذمت)، ڇايا (ڇايا، ڇانو، پاڇو)، پاپم (پاپ) ڏنڊاه (ڏنڊو)، ٻجم (ٻج)، چور (چور) چورَيم (چوري)، آديہ (اڄ) ۽ پيڙا (پيڙا).

هنَن چوند لفظن تي ٻہ ويچار ڪرڻ کپي. هنن مان اِهو معلوم ٿي سگهي ٿو تہ قديم ۽ موجوده سنڌيءَ سان سنسڪرت جو لاڳاپو ضرور آهي ۽ تشڪيل ۾ ڪردار بہ.

## حوالا:

1_ آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ. سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع، ص ص 2_3.

2_ "قديم سنڌ". سنڌي ادبي بورڊ پاران 1957ع ۾ شايع ٿيو. هي ڪتاب ڪاڪي 1944ع ۾ تيار ڪيو هو. اُن کي ٽن ڀاڱن ۾ تقسيم ڪيائين. جنهن ۾ عرب دؤر جي ابتدا تائين احوال اچٽو هو. اها خبر نہ آهي تہ باقي ٻہ جلد وڃي رهيا يا بورڊ کي ڏنا هئائين.

3_ قديم سنڌ. ديباچو، ص 6.

4_ ايضاً، ص 7.

5_ ايضاً، ص 10.

6_ آقاي سعيد نفيسي، ديوان ڪامل اميرخسرو. ڪتابفروشي محمد حسين علمي، تهران، 1343، ص 7.

7_ ڊاڪٽر ذبيح الله صفا. مقالو: "تاريخ دو هزار وپانصد سالہ شاهہ

نشانهيءَ ايران". انتشارات راديو ايران، تهران، 1338، ص ص 56 ـ 57 ۽ 58.
8 ـ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص ص 17 ـ 18.
9 ـ سچل سرمست جو رسالو، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، 1978ع، ص 5.
10 ـ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص 31.
11 ـ بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر)، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، 1999ع، ص 1.
12 ـ ايضاً، ص 33.
13 ـ ايضاً، ص ص 32 ـ 33
14 ـ سراج، سنڌي ٻولي، عظيم پبليڪيشن، حيدرآباد، 1964ع، ص 4 (پيش لفظ).
15 ـ ايضاً، ص 59.
16 ـ الانا، غلام علي (ڊاڪٽر)، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1974ع، ص 116.

# باب پنجون

# رسم الخط (Script)

هر زبان لاءِ هڪ مخصوص ۽ مناسب، ٺهڪندڙ ۽ ترُ رسم الخط (Script) ضروري آهي. جن زبانن ۾ اها اهليت ئي نہ پيدا ٿي، سي پوئتي رهجي ويون ۽ علمي ادبي سطح تي تہ خير، پر ڪنهن مُنظم حالت ۾ بہ نہ رهيون. ڪي جهنگلي ٻوليون ٿي اِنهيءَ هيٺين پد تي رهيون. ريڊ انڊينز جون ڪي ٻوليون انهيءَ دفعي ۾ اچن ٿيون. اُن جو هڪڙو سبب ڳالهائيندڙن جي بتدريج ڪمي بہ آهي، جڏهن ڪنهن گروهہ جي آدمشماري گهٽجي آڱرين تي ڳڻڻ جيتري وڃي بچي ٿي تہ اُها ٻولي ختم ٿي وڃي ٿي. اُن جو مثال ڏيندي، مسٽر هاڪيٽ لکي ٿو تہ: "نيو گني جي هر ڳوٺ ۾ اُن ڳوٺ جا پنج ڇهہ سؤ ماڻهو بچيا آهن. ايڻن آمريڪن انڊينز جي هڪ ٻولي چِٽي ماچا (Chiti Macha) جا 1930ع ۾ فقط ٻہ ڳالهائيندڙ هئا(1)." اِن مان اشارو ملي ٿو تہ رسم الخط ۽ تحريري صورت نہ هجڻ سان گڏ ڪي ٻيا بہ اسباب آهن، جن جي ڪري ٻوليون ختم ٿي وڃن ٿيون.

اڪثر شاگردن ۽ عام ماڻهن کي رسم الخط، صورتخطي ۽ الف_ب ۾ فرق ڪرڻ مشڪل لڳي ٿو. اُن لاءِ اول اهڙي چٽائي ڪجي ۽ مونجهاري ڪان بچجي.

1_ رسم الخط (Script) کي هنديءَ ۾ لپي بہ چئجي ٿو. ڇا ڪنهن ٻوليءَ کي مستقل طور تحرير هيٺ آڻڻ لاءِ هڪ رسم الخط يا لپيءَ کي اختيار ڪجي؟ جواب يقيناً هاڪاري آهي. سنڌيءَ جي معاملي ۾ عربي يا ديوناگريءَ جي ڳالهہ نڪتي ۽ تعليم کاتي جي وزارت 1951ع ۾ هڪ ڪميٽيءَ ۾ بحث ٿيو. سنڌ جي مزاح نگار حليم بروهيءَ ويهين صديءَ جي آخر ۾ رومن خط (Roman Script) جي تجويز بہ ڏني.

2_ صورتخطي اُها آهي، جنهن ۾ لفظن کي هڪ مقرر اِملا (Spelling) ۾ لکجي. جيئن آءٌ / آئون، جڏهن/ جڏهين ۽ پٽڻ / پيڻ/ پيئڻ مان ڪا هڪ اِملا مستقل طور اختيار ڪجي. اُن لاءِ انگريز سرڪار جي ابتدائي سالن ۾ درست ۽ مستقل نوعيت جي هڪ پٽي / چارٽ جو اجراء ٿيو. پر اڄ تائين اهو مسئلو هلندو اچي.

3_ الف_ ب (Alphabet) کي سمجهڻ ۾ ڪو مغالطو ڪونهي. هر ٻار ٻَ سمجهي ٿو ته الف_ ب ڇا آهي. سنڌي الف ب جو داستان ابوالحسن کان بہ اڳ سنڌي مذهبي عالمن جي نثري ۽ نظمي تحريرن کان شروع ٿي، انگريز سرڪار جي ذڪر ڪيل ڪميٽيءَ ۾ اُن صورت تائين پهتو، جا اڄ موجود آهي. جيئن انگريزيءَ جي الف بہ کي ABC چئجي ٿو تہ سنڌيءَ جي الف_ ب جي بہ اِها حيثيت آهي.

بحث هي بہ ڏيان ۾ رکڻ جهڙو آهي تہ عربي يا ديوناگري سنڌيءَ لاءِ موزون آهن؟ عربي رسم الخط سنڌيءَ لاءِ اختيار ڪيو ويو. پ چ ۽ گ آوازن لاءِ حرف فارسيءَ وارا ورتا ويا ۽ نج سنڌي آوازن ٻ، ڳ، ڱ، ڌ، ڄ، ڍ، ڏ، ڃ، ڇ ۽ ڄ لاءِ نقطن جي اضافي کي ڪافي سمجهيو ويو. اُن کان سواءِ وسرڳ (aspirated) آوازن لاءِ جهہ، گهہ جو اضافو ڪيو ويو. هونئن نئين سر هن موضوع تي بحث جي ضرورت ڪونهي، پر ايترو چوڻ ضروري آهي تہ اَنگريز سرڪار واري ڪميٽيءَ جي فيصلي کان پوءِ بہ لساني ماهرن علمي بحث ڪيا آهن. ديوان لوڪنات پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي لپي" (1959ع) ۾ عربي سنڌي لپيءَ کي غيرسائنسي سڏيندي بحث ڪيو. اُن جو جواب ڊاڪٽر الانا پنهنجي ڪتاب "سنڌي صورتخطي" (1964ع) ۾ ڏنو. هن بحث ۾ طرفين جا اختيار ڪيل سياسي ۽ مذهبي لاڙا بہ شامل آهن. خير، عربي رسم الخط مسلمانن جي اڪثريت ۽ اڳ موجود علمي ذخري جي موجودگيءَ سبب اختيار ڪيو ويو. انهيءَ لاءِ ڪافي انفرادي دليل بہ آهن. مثال طور اسلامي نالا، ڪتابن جا نالا ۽ ٻيا اسم خاص عربي انداز جا هئا. انهن کي اسلامي ورثي ۽ عربي اِملا ۾ قائم رکڻ وڌيڪ صحيح هو. جي رڳو "الف_ ب" ۾ ٻن مان هڪ

حرف اختيارِ ڪجي ها تہ بہ اِملا ۽ معنيٰ جون فاش غلطيون ٿين ها. ع _ ا، ۽ ح _ ھ مان نالن ۾ هڪ حرف اختيار ڪجي ها تہ عبدالجبار کي ابدالجبار ۽ محفوظ عليءَ کي مهفوز الي لکجي ها!

اِن ڪري روايتاً بہ عربي رسم الخط اختيار ڪرڻ وارو فيصلو صحيح هو. ديوناگريءَ جو هڪ پنهنجو صوتياتي نظام آهي. جنهن ۾ هڪ مقرر (fixed) نشانن سان وينجن (consonant) ۽ سُرَ (vowel) جا آواز متعين ڪجن ٿا. جيئن ज (ج) هيٺان " ‿ " نشان لڳائبو تہ ज़ جُو ٿيندو. پر مخصوص عربي حرفن/ آوازن لاءِ زائد نشانيون لڳائبيون تہ ض /ظ /ز/ ۽ ذ اُچاري تہ سگهبو پر انهن چئن مان ڪهڙو؟ اِها خبر نہ پوندي.

اسان جي عربي سنڌي لکت کي هڪ تجويز رومن لکت (Roman script) جي بہ ملي، جنهن جو حليم بروهيءَ جي حوالي سان مٿي اشارو بہ ڏنو ويو آهي. هڪ سنڌي مذاح نگار چٿلينج جي انداز ۾ لکيو تہ سنڌ، سنڌي ماڻهو ۽ سنڌي زبان جي تباهي يقيني آهي، جي موهن جي دڙي، هڙاپا کي ڇڏي ڏکڻ اوير واري تهذيب لُٽل کي قبول نہ ڪيو ويو. اُن کان پوءِ هن (حليم) ڪجهہ سائيڪو اسٽائل ڪيل انگريزي مضمون رومن خط اختيار ڪرڻ جي حق ۾ لکيا. ڪمپيوٽر کي هن سلسلي ۾ اهم ڄاڻايو ويو. اهو تہ هرڪو ڄاڻي ٿو تہ جڏهن رسم الخط بدلائجي ٿو تہ اڳيون تحريري رڪارڊ گهٽي ياڳي نئين شاگرد لاءِ گم ٿي رهي ٿو. ڪمپيوٽر ۾ تہ سنڌي اچي بہ وئي. جي ڏسجي تہ رومن جي ڪري سڀ يورپي زبانون، ترڪي، سواهلي ۽ ويت نامي "هڪ زبان" تہ نہ آهن، بلڪ جدا آهن. حليم بروهيءَ جي بين دعوائن ۽ خود کي مري ويل ۽ بڪواس (Nonsense) لکڻ وارو سڏڻ اسان جي موضوع کان ٻاهر آهن. سواءِ اِن جي تہ هن سنڌ وارن کي انگريزي نہ ڄاڻڻ جو طعنو هيئن ڏنو آهي تہ، هڪ ماڻهوءَ پنهنجو نالو Dedar (ديدار) لکي ڏنو ۽ جيڪو ديدار نہ پر انگريزي اِملا موجب ڊيڊر/ ڏيڏر ٿيندو. ڇوجو دال لاءِ انگريزيءَ th (ٽي. ايچ) لکجي ٿو: جيئن that_this وغيره.(2). حقيقت ۾ th سان ٿ بہ لکجي ٿي، جيئن Thump_Think وغيره. هوڏانهن ٿ جو اُچار اهل زبان ٺي ڪري ٿو. اسين ديدار يا ٻيا اسم D سان لکون ٿا تہ اهو روايت ۽

عادت جو حصو آهي. سڄي دنيا ۾ خاص اسمن لاءِ زبانن ۾ مخصوص گنجائش بہ موجود آهي. ڏ ۽ ڍ ۾ وسرڳائيءَ سبب dh بہ لکجي ٿو. ويت ناميءَ ۾ ڏ لاءِ d تي نشاني لڳائجي ٿي.

موجوده لپين کان اڳ پس منظر طور ٿي سهي پر Pictograph ۽ Hieroglyph تصويري لفظن جو تذڪرو ٿيندو آيو آهي. سراج پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي" ۾ موهن جي دڙي جي تحريرن جو جائزو وٺندي ڪن ڪي پڙهڻ جي سعي ڪئي آهي. هن تصويري نظام جو واسطو قديم مصر ۽ چين سان آهي. جپاني زبان بہ گهڻي ڀاڱي هن انداز ۾ لکجي ٿي. ساڳين لفظن (Characters) لاءِ چيني ۽ جپانيءَ جا اُچار جدا آهن. جيئن 本 日 جو چيني اُچار آهي "رين" ۽ جپاني "نپان" (Nippon) آهي. چيني زبان هڪ مڪمل تصويري لفظن جو نظام رکي ٿي. هڪ تہ هيءَ سُرائتي زبان (Tonal language) آهي. هن ۾ چار سُر (Tones) آهن. سڌي ـــ ، چڙهندڙ ↑ ، لهندڙ_ چڙهندڙ V ۽ ڪرندڙ ↙ ، سُر (ٽون) جي جهيلَ هڪ انفراديت واري آهي. الف_ ب letters بدران ٺهيل ٺڪيل لفظ (words) آهن. اُن جو آڌار قديم زماني جون تصويرون آهن. چمڙي، ڇوڏن ۽ هڏن تي اولين تحريرون/ تصويرون مليون. اهڙن هڏن کي Oracle bones سڏيو ويو. هڪ اُچار وارن لفظن جون بہ تحريري صورتون جدا آهن. ڪٿي هڪ صورت وارن لفظن جا وري اُچار علحدا آهن.

الف_ ب وارن لاءِ اهڙي ڪا ٻي حيرانيءَ جي ڳالهہ نہ هوندي! خير موهن جي دڙي واري لکت جي ڳالهہ ڪري آيا آهيون. هنٽر (Hunter) جي محققانہ ڪاوش "The Scripts of Harappa & Moen jo Daro" ۽ سراج جي ڪاوشن جي ساٿ سان اپئن چئبو تہ ڊاڪٽر پارپولا جي سٽ جي ڪڍيل نتيجن جي روشنيءَ ۾ چيني لفظ (Chinese Characters) بہ موهن جي دڙي جي لکت سان گهڻي هم آهنگي ۽ مشابهت رکن ٿا. مڇيءَ وارو نشان چينيءَ ۾ بہ آهي ۽ چينيءَ ۾ اُچار اُتس اُو (وات گول ڪري اُچاربو). دروازي جا 門 بہ طاق پڌرا ٻينا آهن. اُچار آهي مَن (Men). هاڻي آسان ڪيل

صورت آهي أ٦ . ائين پيو اسم مَن، لفظ اسين جي اڳيان، جمع جو نشان ڏيڪاري ٿو. اُن لاءِ ماڻهوءَ جو نشان (Radical) ايندو تہ صورت بيهندي ٦أ ㄏ . ماڻهو آرام ڪري ٿو تہ وڻ ۽ ماڻهوءَ جا نشان گڏ ايندا. وڻ 木 ۽ ماڻهوءَ جو ريڊيڪل ㄏ ، گڏ اچي آرام جي معنيٰ پيدا ڪندا. ايئن بہ جدا اُچار هڪ ۾ ظاهر ٿيندا. هاڻي اُهو ٿيو شِيوُ شِي (آرام).

ايئن هي تصويري نظام دنيا جي جن بہ خطن ۾ رهيو آهي ۽ اڃان استعمال ۾ رهندو اچي. اسان کي هن باري ۾ تحقيق ڪرڻ کپي. هي پسمنظر آهي اسان جي موجوده لپين جو. هونئن هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو بي بها ڪتاب ”ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لِکاوٽَ“ (1999ع) موجود آهي، جنهن ۾ مختلف لپين ۽ انهن جي خوبين خامين جو علمي جائزو ورتو ويو آهي. انهن جي باهمي فرق جو ذڪر بہ ڪيو ويو آهي(3).

## حوالا:


1_ Hochet, chales F. A course in linguistics Macmillan & co. N.Y, 1958, pp.8_9.

2_ حليم بروهي، ڪالم روزانہ ڪاوش، حيدرآباد، 21 آگسٽ 2006ع.

3_ جيٽلي، مرليڌر (ڊاڪٽر)، ٻولين جو سرشتو ۽ لکاوٽ، دهلي، 1999ع.

## باب ڇهون

# محاورا (Dialects)

هر زبان ۾ ايراضيءَ ۽ خطن جي مدنظر زبان جي اُچارن ۾ فرق هوندو آهي. سنڌ ۾ تہ چوڻي آهي تہ: ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي. هتي ٻوليءَ مان مراد محاورو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري سنڌيءَ جي محاورن تي ڪتابن جو هڪ سلسلو شايع ڪيو هو. جنهن ۾ عنوان محاورو بدران ٻولي ڏنو ويو هو. جيئن ٿر جي ٻولي، اترادي ٻولي وغيره. مطلب تہ واضح هو، پر اِهي عنوان، لاڙي محاورو/ اُترادي محاورو هجن ها تہ وڌيڪ بهتر ٿئي ها.

محاورا ۽ اُنهن جا ننڍا محاورا/ اُپ ڀاشائون (sub_dialects)، زبان جي ايراضي وار اندروني نظام مثل آهي، جيڪو زبان ۾ خطي وار فرق آهي. اُهو ظاهر ٿئي ٿو.

لساني/ لسانياتي جاگرافي (Linguistic Geography) هن موضوع تي روشني وجهي ٿي. سنڌ ۾ لساني جاگرافيءَ جي باري ۾ ٻہ ڪتاب خاص طور ڌيان ڇڪائين ٿا. اُنهن ۾ هڪ ڊاڪٽر غلام علي الانا جو ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“ (1979ع) ۽ ٻيو جناب محمد عمر چند جو ”لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڌايون“ (1985ع) آهي. محمد عمر چند جي ڪتاب جو ٻهريون ڀاڱو خاص طور ڊاڪٽر الانا جي ڪتاب ۾ آيل ڪن نُڪتن جي ڇنڊڇاڻ جي باري ۾ آهي. هُن جو چوڻ آهي تہ لسانياتي جاگرافي، زيربحث زبان جي اندر ٿي ايراضي وار تبديليءَ سان لاڳاپيل آهي؛ نہ ڪ اُن جي سرحد کان ٻاهر پاڙيسري ٻولين جي پرک ڪرڻ ۽ تفصيل ڏيڻ.

محمد عمر چند مئڪ ڊئوڊ جي ڏنل وصف آڻي ٿو. جنهن موجب: ”لسانياتي جاگرافي اُهو موضوع آهي ۽ لسانيات جي اُها شاخ آهي؛ جيڪا ڪنهن زبان جي اندروني نظام ۽ ايراضي وار تبديلين جي فرق سان

واسطو رکي ٿي. اُن کي لنگئسٽڪ ڊايالڪٽالاجي (Linguistic dialectology) بہ سڏجي ٿو(1). اُن سان گڏ ويبسٽر (Webster) جي ڊڪشنري (1976ع) مان بہ وصف جو حوالو آڻي ٿو: Dialect geography, the study of local linguistic differences within given areas(2).

هن نُڪتي جي ڇنڊڇاڻ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ بہ ڪئي آهي. هُو لکي ٿو تہ، ڪنهن بہ ٻوليءَ جي اُپ ڀاشائن، انهن جي آوازن جي خاصيت ۽ وياڪرڻي ٻيهڪ ۾ جيڪو تفاوت آهي سا آهي لسانياتي جاگرافي(3).

لسانياتي جاگرافي، سنڌيءَ جي مختلف محاورن ۽ ننڍن محاورن جي اڀياس ڪرڻ ۾ مدد ڏي ٿي. جي سرحدن کان ٻاهر جو اڀياس ڪرڻو آهي تہ بہ سنڌ کان ٻاهر ويل سنڌين جي محاورن جو اڀياس ڪبو. محاورو (dialect) ماضيءَ ۾ پنهنجي مخصوص معنيٰ موجب واضح آهي. اُن کي لهجو (Accent) نہ سڏڻ کپي. لهجو ڳالهائڻ جي جهيل (ڍار) کي ظاهر ڪري ٿو، نہ اُچار کي. ايراضيءَ جي قطع نظر اِهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ ڪي بہ ٻہ ماڻهو بلڪل هڪ جهڙو ڪونہ ٿا ڳالهائين(4). ڪنهن جي ذاتي اُچار کي (Idiolect) چئجي ٿو. هڪ محاوري جي حد کان ٻئي جي حد کي جدا ڪرڻ لاءِ لسانياتي نقشي تي ليڪون ڏيکاريون وڃن ٿيون، اُنهن کي Iso Glosses سڏجي ٿو(5).

هر زبان، اُچارن جي باهمي فرق، جملن جي صرفي ۽ نحوي اختلاف سبب ڪيترن ئي محاورن ۾ ورهايل هوندي آهي. ڪي ٻوليون ڪي ٿورن ۾ تہ ڪي گهڻن محاورن ۾ تقسيم ٿيل هونديون آهن. اِهو هڪ فطري عمل آهي ۽ اُن جي لسانيات ۾ گنجائش آهي. محاورا هڪ ٻئي کي سمجهہ ۾ بہ ايندا آهن. ڪي ٿورا اهڙا وسيع ۽ وڏا ملڪ بہ آهن، جن جو (مثلاً) ڏکڻ چيڙي جو محاورو اُتر چيڙي جو ماڻهو بلڪل سمجهي نہ سگهندو آهي. چين ۾ ويهن کان وڌ ننڍا محاورا ۽ اٺ وڏا (بنيادي) محاورا آهن. چيني زبان جا هي منفرد مثال آهن، جو لفظ جي تحريري صورت ساڳي هوندي بہ محاوري جي ڪري تلفظ ۾ زمين آسمان جو فرق هوندو ۽ سُر تہ ڇا پر ڪٿ وينجن بہ بدليل هوندو. پيڪنگ (پي

چنگ) ڳاديءَ جو هنڌ آهي. اُن جو محاورو معياري آهي ۽ سُرن (vowels) جي چٽائي ۽ زور سبب هر خطي جو چيني آسانيءَ سان سمجهي ٿو. پر ڏکڻ، اوڀر، اولهه يا ڪنهن دور دراز صوبي جو ماڻهو جيڪي ڳالهائيندو سو پري واري لاءِ سمجهڻ مشڪل آهي.

پيڪنگ محاوري موجب پينسل کي ’چِٺن پي‘ اُچاريو ته ڏکڻ ۽ شانگهائيءَ وارا اُن کي ’ڪِپي‘ ڪري اُچاريندا. ايئن اُتر ۾ شُوي شيائو (اسڪول) ته شانگهائي ۾ ٿيو ’يايائو‘.

معياري محاورو (standard dialect) زبانن ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. هن سلسلي ۾ پروفيسر رابنس لکي ٿو: ”معياري محاوري جي اصطلاح مان ڪا غلط فهمي نه ٿيڻ کپي. اهڙا گفتگو جا طريقا تشابهتي طور محاورا ئي هوندا آهن. بلڪ بين محاورن وانگر جن کي جيڪر سماجي ۽ سرڪاري طور محدود ڪجي ۽ گهٽ بيان ڪجي؛ (جن جي مقابلي ۾ پسند پيل ايراضيءَ وارن محاورن کي اهميت ڏجي ٿي) اهو خيال انهن جو آهي جيڪي معياري محاورو ڳالهائين ٿا. انهن جي خيال ۾ ٻيا محاورا گهٽ آهن، جن کي گهٽ درجي وارا ڳالهائين ٿا(6).“

بلومفيلڊ جو رايو آهي ته: ”معياري محاورو حقيقت ۾ پراڻو نه هوندو آهي، بلڪ مڪاني محاورن مان ڪن تاريخي اهميت وارين حالتن هيٺ اُسرندو آهي(7).“ معياري محاوري جي اصطلاح کي ٻه گهڻو استعمال ڪيو ويو آهي. رابنس هن باري ۾ هڪ فارمولو ڏنو آهي، جنهن ۾ ٽي نُڪتا آهن. پهريون نُڪتو زبان ۽ محاوري جي فرق کي واضح ڪري ٿو. اُهو هي ته هڪ زبان جا اُهي نمونا جيڪي مختلف آهن، پر ڪنهن خاص تربيت کان سواءِ ٻي ايراضيءَ ۾ ماڻهو سمجهن ٿا. انهيءَ حساب سان انگلينڊ ۾ انگريزيءَ جا مختلف نمونا، انگريزيءَ جا مختلف محاورا آهن ۽ ويلش، آئرش ۽ اسڪاٽش گئلڪ مختلف محاورا آهن(8).“

## سنڌيءَ جا محاورا:

جيڪڏهن اڄ اسان کي سنڌيءَ جو ڦهلاءُ سنڌ جي موجوده سرحدن جي ٻئي طرف نظر اچي پيو تہ اُن جو سبب اِهوئي آهي تہ قديم وقت ۾ سرحدون وسيع هيون ۽ پوءِ جي لڏپلاڻ بہ هڪ سبب آهي. سرحد پار هرڪو پنهنجي زبان (۽ محاورو) هتان کڻي ويو. اُهي اُتان جي ٻولين جي زير اثر رهيا. بلوچستان ۾ سنڌيءَ جا مکيہ محاورا آهن: فراڪي، کيتراني، جدگالي، گوادري، اورماڙي ۽ لاسي. پنجاب جي سرحد سان ماڇڪو هڪ اهم محاورو آهي. سبيءَ جي ايراضيءَ ۽ بلوچستان جي ٻين محاورن تي داد محمد خادم بروهيءَ ڪم ڪيو آهي ۽ ماڇڪي تي اجان ڪم نہ ٿيو آهي. ڪڇ ۾ ڪڇي، گجرات ۾ ميمڻي ۽ ڪاٺياواڙي محاورا آهن. جيڪي هاڻ سنڌ ۾ خاص طور ڪراچي ۽ حيدرآباد جا ڪيترا رهاڪو ڳالهائين ٿا.

سنڌيءَ جا اهم ۽ وڏا محاورا هي آهن: سريلي (اُترادي)، وچولو، لاڙي ۽ ٿري. انهن سان گڏ ڪڇي ۽ لاسي بہ سنڌيءَ جا مَحاورا آهن. جيتوڻيڪ اڄ سنڌ جي سياسي سرحدن کان ٻاهر آهن ۽ سنڌ ۾ بہ رائج آهن. جو ڳالهائيندڙ هتِ بہ رهن ٿا.

## سريلي (يا اُترادي)

هي محاورو اُتر سنڌ (سرو) جي مناسبت سان نشانبر آهي. هي عام طور اُتر جي ضلعن سکر، گهوٽڪي، خيرپور، لاڙڪاڻو شڪارپور، جيڪب آباد ۽ دادوءَ ۾ مروج سمجهڻ کپي. ڪنهن وڏي محاوري وانگر هي بہ ننڍن محاورن (sub_dialects) ۾ ورهايل آهي. هن سلسلي ۾ اجان باريڪيءَ سان ڪم نہ ٿيو آهي جو طئي ڪجي تہ ننڍن محاورن جون حدون ڪهڙيون آهن. ڪاڪو ڀيرومل، ڊاڪٽر ٽرومپ جي حوالي سان لکي ٿو. "سريلي ٻوليءَ جا اُچار چٽا آهن. اُن جا سُر آواز (vowels) اُچارن کي چٽو ۽ نمايان ڪن ٿا. اُن جو مثال هي ڏيئي سگهجي ٿو تہ اُتر (سري) ۾ چئبو "چيائون" تہ لاڙ ۾ اُن جو اُچار "چئون" آهي. ايئن ئي ٻيا ماضي فعل اُچاريا. جيئن ڪئون، کئون وغيره. هڪڙو فرق هنن ٻن محاورن ۾ هي بہ آهي تہ اُتر (سري) ۾ اَ / آ سُروارا آواز لاڙ ۾ اِ / اِي اُچارجن ٿا:

| | |
|---|---|
| سرو | لاڙ |
| جَن | جِن |
| تَن | تِن |
| ڪَن | ڪِن |
| جاتي | جِتي |
| تاتي | تِتي |
| ڪاتي | ڪِتي |

پيرومل اُترجي تلفظ کي صحيح ڄاڻي ٿو(9). منهنجي خيال ۾ هي محاورن جو فطري فرق آهي. اُترجي ڪن وينجنن (Consonants) جهڙوڪ ڊ ـ ڍ ۽ ٽ ۾ رجو آواز اُچارجي ٿو. جيئن ڊرــ ڍر ۽ ٽر. اِملا ۾ 'ر' لکجي ڪونہ ٿو. ڪن ويجنن جي باهمي تبديلي بہ گفتگو ۾ ملي ٿي. مثلاً ش ۽ چ جي تبديلي شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي جي آسپاس ملي ٿي:

| | |
|---|---|
| شڪارپور | چڪاپور |
| مَچي | مَشي |
| مَچر | مَشر |
| چورو | شورو |
| شايد | چايد |

سريليءَ ۾ عدد جمع، واحد پڇاڙيان "آن" ملائڻ سان ٺهي ٿو ۽ لاڙيءَ ۾ "اون" ملائڻ سان ٺهي ٿو. مثلاً:

| واحد | جمع (سرو) | جمع (لاڙ) |
|---|---|---|
| ڪارڪ | ڪارڪانَ | ڪارڪون |
| ٽنگ | ٽنگان | ٽنگون |
| سَڙڪ | سڙڪان | سڙڪون |
| ويگن | ويگنان | ويگنون |
| رن | رنان | رنون |

ڪيترن اِسمن ۾ اُتر ۽ لاڙ جي جمع جو صيغو هڪ جهڙو آهي. جيئن: ڪتاب_ گهر_ هٿ ۽ ٻڪري وغيره. واحد مان جمع ٺهڻ لاءِ سريليءَ وانگر سرائيڪي، پنجابي ۽ فارسيءَ ۾ به "آن" پڇاڙي اچي ٿي. اُن ڪانَ سواءِ اُتر جي مقابلي ۾ لاڙي اُچار ۾ لفظن جون پڇاڙيون 'پيش' 'بجاءِ' 'زبر' سان اُچارجي ٿو يا ڪٽي ساڪن آهي:

| سريلي | لاڙي |
|---|---|
| وِيَهُ | ويھ |
| گهرَ | گهر |
| اُٺَ | اُٺ |
| ڪَنُ | ڪَنُ |
| واڳُڻَ | واڳُڻ |

جمع جي صيغي ۾ اُچار ساڳيا آهن: هَٿَ، هَٿَ، گهَرَ_ گهَرَ، ليڪڪَ_ ليڪڪ وغيره.

صرف و نحو جي خصوصيتن جي مدنظر سري جي محاوري جا ٻيا ڪي اهم نُڪتا هي آهن:

**جنس:** ڪي لفظجيڪي ٻين محاورن ۾ مذڪر اسم آهن، سي سري ۾ مونث ڪري اُچارجن ٿا. مثلاً: رَتَ نڪتي آهي.

**فعل:** جون پڇاڙيون غني جي آواز تائين ڪونہ ٿيون پهچن. مثلاً: ايندا سين_ ڪندا سين بدران چون ايندا سي_ ڪندا سي.

**مضارع** 'ڪريان' جي 'ر' گم ٿئي ٿي. مثلاً 'ڪيان'.

**زمان حال استمراريءَ** ۾ "آءِ اچان پيو" چوڻ ڪيي: پرچون آءِ اچان ٿو پيو. زمان ماضي مطلق ۾ چون "هُو وَيو آهي." پيرومل چوي ٿو تہ زمان حال ۾ وَڃڻ جي واو تي زبر آهي، اُن ڪري ماضيءَ جي صيغي ۾ به واو تي زبر قائم رکڻ صحيح آهي.

**ماضي معطوفيءَ جو جملو:** 'ماني کايو اچان ٿو' بدران چون 'ماني کايون اچان ٿو'. اهڙي طور **اسم مفعول** ۾ ڳايو ڪي ڳاتو چون. سريلي محاوري

۾ اسم تصغير جو رواج گھڻو آهي. مثلاً: پاءُ_ پائڙا، هتي_ هتڙي. وچولي ۽ لاڙ ۾ "ڙو" پڇاڙي بہ ڪتب اچي ٿو. جيئن: ننڍڙو ٻارڙو وغيره.

هي فقط ڪي خصوصيتون آهن ۽ ڪن لفظن جي تلفظ جي ڳالهہ آهي. هڪ مڪمل محاورو پنهنجي اندر فطري سونهن جو حامل آهي. اُچار ئي هڪ محاوري کي قائم ڪندڙ آهن. اُن ۾ ڪا بگاڙ ۽ سڌار جي ڳالهہ نہ هوندي آهي. پڙهيل طبقو لکپڙهہ معياري محاوري ۾ ڪندو آهي.

**وچولو (يا ساهتي) محاورو:** اُتر ۽ ڏکڻ سنڌ (لاڙ) جي وچ وارو علائقو وچولو سڏجي ٿو. اُن ۾ نوشهري ۽ پرين واري ايراضيءَ کي ساهتي بہ سڏجي ٿو. پيرومل هن ايراضيءَ جون حدون ڇاٽائيندي لکي ٿو: "ڪنڊياري ۽ دادو تعلقن ۾ اُتر واري پاڱي کان وٺي هن جون حدون ڪوٽڙيءَ تائين آهن(10)." وچ ۾ هجڻ ڪري هن محاوري جي اُچارن ۾ وچترائي ۽ توازن آهي. هن تي اُتر ۽ لاڙ جي محاورن جو ٿورو ٿورو اثر بہ آهي. نوشهري ۽ سيوهڻ جا علمي مرڪز هن محاوري جي ٽيڪ رهيا. وچولي جا ڪي لفظ هي آهن: لڳلڳو (لغلام _ ترٽي)، ڏوڪڙ (پئسا)، ڪوڙ (گهڻو). ڪي مشهور اصطلاح هي آهن: ڊيري جو ڪمي هٿڻ (مفت ۾ ڪم ڪندڙ)، پنجوءَ جي پڻ ساڻ هٽڻ (واجب کان وڌيڪ گھرڻ)، پنجُوءَ جا پنج ڳنڍڻ (ٻارهوئي ڪوٽ).

اهڙيءَ طرح وچولي جا پهاڪا بہ مخصوص آهن. مثلاً:

_ اول پيٽ پنجُوءَ جو پوءِ ٻار ٻچا.

_ ڦُلوءَ واٽئي رات وهاٽي، ڳالهين ڪندي ڳوٺي ڪاٽي.

_ اهڙي جُٽ ڪيائين جهڙي ٻرڙي ڪئي ٻارن سان.

_ ڇٽي ڇنيجن جي پرڻ تي پيئي.

_ ٻرڙي پٽي نہ ٻاجهہ، پر ۾ ٿو پاءُ مري.

_ ٻيو هرڪو اڇٽو وڇٽو پَمو تاٽائي (11).

وچولي جي ٻولي متوازن آهي. هن ايراضيءَ ۾ مشهور ليکڪ ديوان ڪوڙومل چندن مل کلناڻي پريا واسي ٿي گذريو آهي. هن محاوري جي اڀياس ۽ پنهنجن ڪن پيارن دوستن جي ڪري، آءٌ هن علائقي ۾ پرين، ڪاهي قاسم ۽

نوشهري گهٽو آيو ويو آهيان.

**لاڙي محاورو:** اڳوڻو وڏو حيدرآباد ضلعو ۽ ٺٽو ضلعو عام طور لاڙ سڏجن ٿو. 1975ع ۾ حيدرآباد مان بدين ضلعو جُڙيو ۽ پوءِ حيدرآباد مان ٻيا ٽي ضلعا ٺهيا. هيءَ ايراضي محاوري جي لحاظ کان هڪ يونٽ يا ايڪو آهي. هن ڪتاب جو ليکڪ آباو اجداد کان بدين تعلقي جو رهاڪو آهي ۽ اُن سان گڏ لاڙي محاوري جو ڳالهائيندڙ بہ. لاڙي محاوري ۾ بدين جو هڪ ننڍو محاورو (subdialect) چئي سگهجي ٿو ۽ ٻيو ننڍو محاورو ٺٽي ضلعي جي ڏاکڻين حصن وارو آهي. اُنهن ۾ بہ ماڃر، ڪارو ۽ ڪڪرالو منفرد آهن. شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري (1538ـ 1623ع) لاڙ جي هڪ سچاڻپ هيئن ڏني آهي:

جي اُتر جي لاهہ، سچڻ سڀ پرڪئا،
ري پانجي ڪٽئي، سير ٻري نہ باهہ.

هتي لاهہ، لاڙ يا لڙيل جي معنيٰ ۾ ڪم آيو آهي. لاڙ جي سرحد ڏکڻ ۾ ڪڇ سان ملي ٿي. اُن ڪري ڏکڻ طرف کي ڪاڇيل بہ چون يعني ڪڇ ڏانهن. ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ بدين کان ٻيج (ڪڇ) ڏانهن رڻ مان عام رستو هو. ڏکڻ اولهہ ۾ سمنڊ آهي. عام طور لاڙي محاورو، معياري محاوري کان قريب آهي. هن ۾ پهرين ڳالهہ اوسر ڳائيءَ جي آهي. ٻ ـ ڳهہ ـ جهہ ـ ڏ ۽ ڍ کي ب ـ گ ـ ج ـ د ۽ ڊ ڪري اُچارجي ٿو. ڏور کي ڊور، ڏک کي دک، جهنگ کي جنگ، گهر کي گر ۽ پٽ کي بٽ چون.

ٻيرومَل جيِ خيال ۾ اوسرڳائي داردي ٻولين جي اثر ڪري آهي. گسڪيدار اوسرڳ آوازن غ ۽ خ کي گ ۽ ڪ ڪري اُچاريو وڃي ٿو. اها عادت اڪثر سري واري محاوري ۾ بہ ماڻهن ۾ لڀي ٿي. غلام کي گلام، غلط کي گلط، خَيال کي ڪيال چون. ف ۽ ق جا آواز بہ اڪثر بدلجن ٿا. فوٽو کي چون ڦوٽوَ ۽ ڦلا کي چون ڦلا.

لاڙ ۾ ڪي سُر آواز (vowels) ننڍا ڪري اُچارجن ٿا. مثلاً:

| معياري | لاڙي |
|---|---|
| ڪيائون | ڪَيئون |

| | |
|---|---|
| چيائون | چَئون |
| چيائين | چَئين |
| ڪنيائون | ڪَئون |

ڪن اسمن ۾ اُن جي اُبتڙ سُر آواز معياري محاوري کان وڌيل هوندا آهن:

| معياري | لاڙي |
|---|---|
| حجم | حجام |
| نرڙ | نراڙ |

لاڙي محاوري تي پاڙيسري محاورن جو بہ اثر آهي. اُتر ۾ وچولي، اولهہ ۾ لاسي/ ڪوهستاني، اوڀر ۾ ٿري ۽ ڏکڻ ۾ ڪڇي محاوري جو اثر آهي. ٿر ۽ ڪڇ جي ماڻهن جي اڄ —وڃ اڳ بہ هئي ۽ اُتر کان ماڻهو نوڪرين سانگي اچن ٿا. ڪوهستان ۾ مينهن وئو تہ ئٽي جا مالوند اوڏانهن وڃن ٿا. مواصلات ۽ ميڊيا جي ڪري انهن اثرن ۾ اضافو ٿيو آهي.

ڪن لفظن ۾ صنعت تقليب بہ آهي، جيئن لعنت مان نالت، مطلب مان مطبل. ڪي انوڪا اُچار بہ آهن، جيڪي معياري يا اُتر جي محاوري کان ڦريل آهن. جيئن ونواه مان وناهہ، سَيون مان سيويون. ڪلاس ۾ سائين هيرانند چوندو هو: سيوَيون نہ چئو، سي وَريون چئو. وري عيد آئي وري موٽي آيون آهن. لاڙ ۾ ڏهہ (ten) بدران ڏوهہ چون.

ضميرن جي تلفظ ۾ هي فرق آهي جو تُنهنجو بدران تونجو ۽ منهنجو بدران مُونجو چون تہ هُو بدران اُو چون. ڪي ماڻهو چون ٿا تہ لاڙي ڪچي ٻولي آهي. بس اِها ڪچائي آهي، پر محاورو تہ ٻوليءَ جي فطري صورت آهي، جو ٻاهرين ڪوهين ٻولي ٻي!

**ڪڇي محاورو:** ڪڇ اڄ ڀارت جي گجرات صوبي ۾ هڪ ضلعو آهي. اڳ هڪ رياست هئي، جِت راجا (راءُ) راڄ ڪندو هو. لاڙ ۽ ڪڇ جا سياسي، سماجي، مالي، ثقافتي ۽ ادبي لاڳاپا گهرا رهيا آهن. محمد سومار شيخ جو ڪتاب "ڪڇين جا قول" ۽ ٻيا اڻ ڇپيل ڪتاب اُن جو واضح ثبوت آهن. ڪڇي محاوري تي ڊاڪٽر بلوچ جو هڪ مقالو بہ شايع ٿيل آهي. ڪن

حلقن موجب ڪڇي هڪ جدا زبان آهي، پر سنڌيءَ جو هڪ محاورو هجڻ جا ڪئين ثبوت موجود آهن. صرف ۽ نحو جو اپياس هن سلسلي ۾ اهم آهي. هيٺيان جملا مطالعي لائق آهن:

آءٌ وَڃان ٿو (سنڌي)

آءٌ وڃان تو (ڪڇي)

اوهَين اَچو (سنڌي)

آئين اَچو (ڪڇي)

بابا بصروني اچ (سنڌي)

ٻاوا ڏونگهري ڳنهي اچ (ڪڇي)

هو ماني کائڻ ايندو (سنڌي)

اُو ماني کيڻ اچيندو (ڪڇي)

ڪڇي، بدين ۽ لاڙ جي ٻين شهرن ۾ رهن ٿا. مٿيون مائٽيون بہ ٿيون آهن. ڪاڪو ڀيرومل "ڪڇي" لفظ جو بنياد سنسڪرت مان ڇاٽائي ٿو جنهن جي معنيٰ ڪنارو يا ڪنڌي آهي. ڪڇ هڪ اُپٻيت آهي، تن پاسن کان سمنڊ اٿس (12). ڪڇيءَ کي اڪثر ڪڇڪي بہ سڏجي ٿو. ڪڇ ستين صدي عيسوي ڌاري سنڌ جي هٿ هيٺ رهيو آهي. سنڌ حڪومت جي اثر ڪري سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ تائين رهيو. ڪيترين ڳالهين ۾ لاڙي ۽ ڪڇي محاورا قريب آهن. مثال طور: سُر آواز (vowel) کي سُسائڻ، جيئن "ورتائين" بدران چون "ورتئين" وسرڳ کي اوسرڳ ڪرڻ: جئن "ڪنهن" بدران "ڪين" ۽ "گهر" بدران "گر" چون. ڪٿي حرف صحيح بہ نہ اُچارن. جيئن اِتان، تتان ۽ ڪتان کي اِئان، تِئان ۽ ڪِئان چون. شاهہ جي ڪلام ۾ بہ اهي صورتون موجود آهن:

_ ادا اِئائين، ڪو ويو سات سڄڻ جو.

_ ڪِئان سڪئين سپرين، ڪاسائڪي ڪار.

جمع جي صيغي ۾ اسمن پويان "اين" ملائڻ جي عادت ڪڇيءَ ۾ عام آهي. جيئن: گهر جو جمع گهرين، ماڻهوءَ جو ماڻئين (ماڙئيين)، جناور جو

جناورين (زناورين) ڪجي ٿو. ضمير "پاڻ" کي پندر (پند) چئجي ٿو.

شاهه جي رسالي ۾ به ڪڇي لفظ آهن. تمر فقير ڪڇ ۾ وڃي رهيو هو. اُتي رسالي جا قلمي نسخا جتن ۽ ٻين فقيرن وٽ آهن. رسالي ۾ هڪڙو مثال ڪڇيءَ جو هيءُ آهي:

لک لاکيڻو ڪرهو، ڪوڙين ڏيئي ڳڌوم،
اڳڻ سونهن سندوم، ملهه مهانگو م چئو.

ڪڇي محاوري جا ڪيترا لفظ لاڙيءَ ۾ به رائج آهن. مثلاً: ڏونگهري (بصر)، ڍينگلو (پئسو) ۽ ٻائڙي (زال) وغيره. ايئن اسمن سان گڏ فعل ۽ ضمير به هڪ جهڙا آهن. گهڻا لفظ معياري اُچار کان ٿريل آهن. جيئن: مؤز (موج)، گريب (غريب)، ۽ واکبُ (واقف).

ڪي انوکا لفظ به ڪڇي محاوري ۾ آهن. مثلاً: ڦڳائڻ (اُڇلڻ)، رونسڻ (مارڻ، مٽيءَ ۾ دسڻ)، جهمڻ (ڪائڻ) ۽ ڏيس (وٽو).

اڄ به ڪڇ ۾ سنڌيءَ جو چالامان آهي. اديب عربي سنڌي لپيءَ ۾ ڪتاب لکن ٿا. انهن ۾ ڪلاڌر، گهنشام ۽ ٻيا؛ ٻنيءَ مان ادبي ڪتاب شايع ڪن ٿا. ڄيٺي لعلواڻيءَ "ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت" عنوان سان پي ايڇ. ڊي مقالو لکيو آهي. اُهي لوڪ گيت گهڻي ڀاڱي سنڌي گيت، ڀڄن ۽ ڪافيون ئي آهن. هنن دوستن احمد آباد ۽ ٻين شهرن ۾ ملاقاتن دوران ٻڌايو ته ٻنيءَ ۾ اٽڪل چاليهه وڏا ڳوٺ آهن، جن ۾ سنڌي ۽ ڪڇي ڳالهائجي ٿي. نه ڪڇي ماڻهو ۽ نه ڪڇي محاورو سنڌيءَ کان ڌار آهي.

**ٿري محاورو:** لاڙ وانگر ٿر به هڪ ثقافتي ايڪو (Cultural unit) آهي. لاڙيءَ وانگر ٿريءَ ۾ به اوسرڳائي آهي. جنهن، تنهن، ڪنهن ۽ ڪڏهن کي جين، تين، ڪين ۽ ڪڏين ڪري اُچارين. خاص اسمن کي اُچارڻ جو به ٿرين وٽ پنهنجو منفرد طريقو آهي، جو ڪڇيءَ سان مشابهه آهي. آچار کي آچاريو، سومار کي سوماريو، ٻچل کي ٻچو، ٻچيو ۽ ٻيجل کي ٻيجليو، ايستائين جو محمد کي مامون، ماموڙو ۽ مامديو چون. ضميرن ۾ پنهنجو کي پانجو، صفتن ۾ به لاڙ سان هڪجهڙائي آهي. چڱو کي چون ڪاشو. ڪمتر کي چون لائئون. ٿر

۾ فعلن جي صيغي ۾ بہ هڪ منفرد سرشتو رائج آهي. اُن هيٺ مقامي صورتون ٺهن ٿيون. ماضيءَ جي صيغي ۾ اَڏيو، ٻڌو، ماريو ۽ ڦٽيو جون صورتون آهن: اَڏاٺو، ٻڌاٺو، ماراٺو ۽ ڦٽاٺو. ويو بجاءِ چون وَهيو. مثال: هو وڃينءَ ٽاٺي وهيو منيءَ. ٿر کي مقامي لفظن جو هڪ چڱو ذخيرو پنهنجو آهي. مثلاً:

| سائيڪو | سَٽ پُره اونهون کوهہ |
|---|---|
| پاروڙي | ڪتي |
| دونس | ڪنگهہ |
| تونس | اُڃ |
| چس | مزو |
| آرساٺو | سُستي |
| ڦدولي | اجائي ڳالهہ |
| آهار | ڪاڏو |
| ٽاجا | جاءِ اوطاق |
| سَل | ٽنگ |
| ساڏوهي | چار ڪپڙ |
| ڊائي | وعدو پروگرام |
| اُٺو | وٺو |

انهيءَ ڪان سواءِ بہ ٿري ادب ۾ لوڪ گيتن ۾ رائچند، منگهارام اوجها، محمد عثمان ڏيپلائي، محمد عثمان اديب، ثريا سوز ۽ ٻين اديبن ٿري ماڻهن ۽ ٻوليءَ لاءِ گهڻو پاڻ پتوڙيو آهي.

**لاسي محاورو:** ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول"، لس جي محاوري ۽ ادبي ذوق لاءِ هڪڙوئي بس آهي. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو: "ٻيلي جي ٻولي پنهنجي جاگرافيائي بيهڪ موجب مختلف زبانن جي ميزبان ٿي رهي آهي. انهيءَ ڪري منجهس لغوي جاذبيت جهجهي آهي(13). لس ٻيلي جو (لاسي) محاورو پنهنجي ڏکڻ واري لاڙي محاوري سان ڪنهن حد تائين ربط ۾ آهي؛ پر تہ بہ هن ۾ اڪثر رواجي حرڪات کي وڏايو وڃي ٿو. "تہ

ته "کي "ناتي" ڪري ڪم آڻجي ٿو. جيئن ڪبيرشاهه ٿو چوي:

ڪا ڳَل پيم ڪانه وڃڻ جي ناتي هوت آءٌ هوشياري هئي(14).

ڪبيرشاهه، سنڌ جو شاعر هو ۽ هتان ڳهي ٻيلي جي شاعر شيخ ابراهيم سان مارڪو (معرڪو۔ مقابلو) ڪرڻ ويو هو. لاسي محاوري ۾ به اوسرڳائي موجود آهي. تنهنجي بدران توجو، ٻاجهه بدران ٻاج چون. ڪن لفظن ۾ زائد نون جو آواز ڪڍن ٿا. ساجهر بدران سانجهر ۽ ستر کي سنتر چون. 'و' ڪن لفظن ۾ "ب" سان بدلجي ٿو ۽ ايئن وينو بدران ٻينو چون. 'ي' به اڪثر 'ج' ۾ بدلجي. جيئن ياد بدران جاد چون (لاڙ ۾ زاد به چون). يتيم کي جتيم چون. اِهو به لاڙي محاوري ۾ آهي. اڪثر 'ذ' به 'ج' ۾ بدلجي ٿو. مثلاً: ذات کي جات چوڻ. (ويندي ڏانهن پرين، جُتي جات نه پائيان ۔ شاهه لطيف).

فارسي لفظ چشم کي شاعرن چم ڪري ڪم آندو آهي. چمڙي جي مشڪ ۾ پاڻي وجهن ته اُن کي اوئي چون، جي ڪير وجهن ته ان کي ايزڪ چون (15). لاسي محاوري جون ڪي نحوي خوبيون، بلوچستان جي سنڌي محاورن سان ملن ٿيون، جن ۾ ڪيتراني فراڪي ۽ بغدالي اچي وڃن ٿا.

مخصوص لفظ هن محاوري جي انفراديت کي ظاهر ڪن ٿا. ڪي لفظ معنيٰ سميت هي آهن:

| | |
|---|---|
| اَسُت | لسي |
| اِچون | قتل لسي |
| تَسُو | ذرا |
| پانڊيو | بهادر |
| پانواڻو | مقابلو |
| چمر | ڪڪر |
| ساپُرس | چڱو ماڻهو |
| سَلو | پيچرو |
| مَزار | شينهن |

| | |
|---|---|
| منگتي | ڏيڏري |
| پيدوار | مشهور |
| ڏاج | فصل |
| چيھ | ڪنوڻ |
| چيهل | هَرڻ |
| ڪُڙهو | همت وارو |
| اَئِي | ٻڪري |
| اُچڻ | اُٿڻ |
| اَگارڻ | خرچ ڪرڻ |
| جَر | جڏهن |
| تَر | تڏهن |
| چيرو | باھ |
| خاصو | چڱو |
| ماهندا | مهندان_ اڳيان |
| پي ما | پيءُ ماءُ |
| هستي | ننڍو پلاڻ (اُٺ جو) |
| گورم | ڏِڳين جو ڌڻ |
| ڪيراگ | اُهو ڌڻ جنهن ۾ ردن ڪان ٻڪريون گهٽيون هجن. |
| سَرچو | سائو_ آباد |
| اَرچو | ڏکيو سجو ۽ ڏُليل |
| لوهيون | ڪلون |
| وانر | باندر |
| ڳيڙو | برسات |
| وانديا | واندا، بي اونا |

| | |
|---|---|
| مُهرڻ | وهٽ جو پاڻي پيئڻ |
| ميڙيانو | کير جي ڏهائي |
| مَر | ميراڻ |
| پُچَ | ڪپڙا، لتا |
| چيچ | پيٽ |
| هڏ پينو | هڏ گنئل |
| اَڌوڪَر | جبل جا اڌ ڪپر |
| گڏو | سور |
| ماچاند | واڙو |
| جهڪون | پوڙهيون، اَپريون |
| اوجا | ڏاس مان ٺهيل فراسيون |
| جول، گريتا | ڏاس مان ٺهيل ڳوٽيون |
| مُرنيون | ڪتيون |
| ڳچ | گهنج |
| ڳمر | نشو ڏؤ |
| پرو | چمڻ وقت ڏنل خوراڪ |
| آڪورو | ٻاڪرو |
| ٻاهو | ريڍو |
| ڀَهون | ٻڪريون |
| ڪُوڪيون | نندي پچ واريون رڍون |
| ٻڌي | ڳوٿري |
| ٻتا | ڏُڪَ |
| ڏڙڪي | رلي |
| ماڻي | واقعي جا يادگار |
| ننڌ | بخيل |

| | |
|---|---|
| تَمڻ | لڪائڻ |
| ٽاڏ | ڳڻون |
| نمرو | تندرست |

شعرن، ڳجهارتن ۽ لوڪ ادب جي صنفن ۾ لاسي ۽ ڪوهستاني لفظ گهڻو استعمال ٿيا آهن. شاهه جي هيءَ وائي لاسي محاوري جو هڪ منفرد مثال آهي:

وسان ٿي وياس، لڳم ٻاڻ ٻروچ جو،
پُرزا پب ورن ۾، پٽون ٿي پياس،
تہ پڻ ڪاڏو ڪيچ ڏي، توڙي ماءُ مُياس،
پاڻ وڃايم پير تي، چٽي آءٌ چٽياس،
هيڏي شهر ڀنڀور ۾، نہ ڪو پيءُ نہ ماس،
پيڀيم وچ وصال ۾، سنجهي آءٌ سُتياس،
الا اُن م وسران، ڏٺي جن جياس،
پييس ور وصال جي، جانڪيتان جينڊياس،
اَديون عبداللطيف چئي، محبن سان ملنڊياس،

## موجوده سنڌ کان ٻاهر جا سنڌي محاورا:

اِها هڪ مڃيل ڳالهہ آهي تہ سنڌ ماضيءَ ۾ پنهنجو موجوده ايراضيءَ کان وسيع هئي. اُن ڪري پاسي وارن علائقن ۾ بہ سنڌي زبان موجود هئي. بلوچستان ۾ مختلف ايراضين ۾ سنڌي زبان موجود رهي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ لاسي محاوري جو جائزو وٺي آياسين. لس ٻيلو سمن حاڪمن جي هٿ هيٺ رهيو آهي. شاعرن جي بہ ڳالهہ ٿي آهي، پر حڪمران بہ سنڌي ڳالهائيندڙ هئا ۽ هن وقت صوبي جو وزيراعليٰ بہ جام آهي. اُن کان سواءِ بہ بلوچستان جي مختلف حصن ۾ سنڌي مادري زبان طور رائج آهي. ڀاڳناڙيءَ ۾ سيد رکيل شاهه هڪ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. سبي خطي ۾ بہ سنڌيءَ جا مختلف محاورا موجود آهن. اُنهن جي باري ۾ داد محمد خادم بروهي پي ايڇ. ڊيءَ لاءِ 1984ع ۾ مقالو پيش ڪيو. هن مقالي جو عنوان آهي: "سبي خطي ۾ سنڌيءَ جي مختلف محاورن جو مطالعو". هن ايراضيءَ ۾ فراڪي ۽ ڪيتراني محاورا رائج

آهن. ڊاڪٽر داد محمد. فراڪي تي تفصيل سان لکيو آهي. سبيءَ ۾ هڪ ماڻهوءَ کان پڇيم ته ڪير آهين ته جواب ڏنائين ته پٺي پٺاڻ. ٻولي کھڙي ڳالهائيندا آهيو ته چيائين ته اِهائي جيڪا ڳالهايان پيو. اسين سنڌيءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئاسين. پٺي هڪ قديم قوم آهي، جنهن جي باري ۾ تاج صحرائي ۽ ٻين لکيو آهي. هي محاورا ڪراچيءَ کان اُتر لس ٻيلي ۽ سبيءَ تائين پکڙيل آهن. فراڪي ۽ ڪيتراني ٻين ننڍن محاورن کان وڌيڪ ايراضيءَ ۾ رائج آهن.

**فراڪي محاورو:** هي سبيءَ سان واسطو رکي ٿو. هن کي وطني ۽ ملڪي به سڏين ٿا. هن جي ايراضيءَ بابت ڊاڪٽر داد محمد خادم لکي ٿو: ”سبي، سنڌ جي سرحدي شهر جيڪب آباد کان اٽڪل هڪ سؤ ميل اُتر اولهه ۾ آهي. اڳوڻي ڊويزن جي حساب سان هن ۾ سبي، ڪڇي، نصيرآباد. ڪوهلو ۽ ديره بگٽيءَ جا ضلعا شامل هئا. هتان جا نوي سيڪڙو ماڻهو سنڌي مادري زبان طور ڳالهائيندڙ آهن. سبيءَ جي هن محاوري تي نالي پوڻ جو سبب ڄاڻائيندي ڊاڪٽر داد محمد لکي ٿو: ”هي لفظ فراغ (وسيع) مان ورتل آهي ۽ وسيع علائقي ۾ رائج آهي. وقت گذرڻ سان سرائيڪي، بروهڪي ۽ پٺاڻڪي جي لفظي اثر هيٺ فراڪي سڏجڻ ۾ آيو(17).“ بقول ڊاڪٽر داد محمد هي محاورو سبيءَ جي چوڌاري ڍاڍر، تلي، ڪڙڪ، مال، صافي ۽ مزري ۾ به موجود آهي(18). اُن سان گڏ جهل مگسي، روجهاڻ جماليءَ ۾ مگسي، جمالي، خاکواڻي ۽ رئيساڻي قبيلا به سنڌي ڳالهائيندا/ ڄاڻندا آهن. روزانه ڪاروبار جي عام زبان به سنڌي (فراڪي) آهي. فجڪ ڳوٺ جا پٺاڻ پشتو سان گڏ سنڌي به ڳالهائيندا آهن(19).

اڪثر وينجن جو تلفظ فراڪيءَ ۾ تبديل ٿئي ٿو. فوٽو مان ڦوٽو ۽ آزاد مان آزات، ته زنجير کي جنجير، رواج کي رواز ۽ مبارڪ کي مبارخ چون. سُر آوازن ۾ آخري حمزي جو اُچار گهٽائي ختم ڪري ڇڏين ٿا. جيئن ماءُ_ ما، ياءُ، يا ۽ بچاءُ_ بچا چون.

وسرڳ کي به اوسرڳ ڪري اُچارين. جيئن: آهستي بدران آستي، اهڙو

بدران ايڙو ۽ گهر کي گر چون. لاڙيءَ ۾ بہ ايئن آهي. معياري جي اڪثر لفظن کي ي مان ڦيرائي حمزي ۾ ڪندا آهن، جيئن:

| | |
|---|---|
| تيا | تئا |
| تيو | تئو |
| ولايت | ولائت |
| ڪٽايو | ڪٽائو |
| ٻڌايو | ٻڌائو |
| وڍايو | وڍائو |

اُن کان سواءِ اتر جي محاوري وانگر ٽ ۽ ڊ کي ٽر ۽ ڊر ڪري اُچارين. مثلاً: ڊڪائڻ کي ڊرڪائڻ، ڊِگو کي ڊِرگو ۽ ٽپڙ کي ٽرپڙ چون. واحد مان جمع ٺاهڻ لاءِ بہ سري جي محاوري وانگر 'آن' پڇاڙيءَ ۾ ڳنڍجي ٿي. مثلاً: عوج (عوجان)، موج (موجان)، قبر (قبران)، خبر (خبران)، ڪتاب (ڪتابان)، ڪوڏر (ڪوڏران) ۽ ڪوڪ (ڪوڪان).

فعل ماضيءَ مان ي حذف ٿئي ٿي. جيئن پڙهيو بدران پڙهو لکيو بدران لکو چون. فعلن ۾ /د/ حذف ٿئي ٿي. مثلاً: لکندو لکنر ۽ پڇندو کي پڇنو. اِن کان سواءِ خالص ضميرن جا اُچار بہ فراڪيءَ ۾ هن ريت آهن:

| معياري | فراڪي |
|---|---|
| اِهو | ايهو |
| اُهو | اوهو |
| اُهي | اوهي |
| توهان | توئان |
| هُنَ | هُڻ |
| اُنهيءَ | اُٽي |
| اُنهن | اُٽن |
| پنهنجو | پانجو |
| منهنجو | مينجو |
| اُن | اُڻ |

نون غنون بہ ڪن لفظن ۾ شامل ڪن. جيئن:

| | |
|---|---|
| شوق | شونق |
| غوث | غونث |
| ڪپھ | ڪپنھ |

ڪي معياري سنڌيءَ جا جملا فراڪيءَ ۾ هن ريت ڳالهائجن ٿا:

معياري_ وري ڪيڏانهن پيو وڃين؟

فراڪي_ وت ڪيڏي وينو پئو آن؟

معياري_ ڇا پيو ڪرين؟

فراڪي_ ڇا ڪنو پئو آن؟

معياري_ مان ماني کائي رهيو آهيان.

فراڪي_ مان ماني کائنو پيو آن.

معياري_ لعلو پڙهندو هو.

فراڪي_ لعلو پڙهندو پئو هو.

هرهڪ محاوري ۾ چوڻيون، پهاڪا ۽ اصطلاح وغيره هوندا آهن. فراڪيءَ ۾ بہ اهي گهڻي تعداد ۾ ملن ٿا.

**ڪيتراني (مختصر تعارف):** هي محاورو بلوچستان ۾ لورالائي جي ايراضي بارڪان ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. هن جون پاڙيسري زبانون بلوچي ۽ سرائيڪي آهن. ڪيترانيءَ تي بقول ڊاڪٽر داد محمد، پشتو جو اثر نمايان آهي(20). هن محاوري جي نسبت ڪتياڻ قبيلي سان ڇئي وڃي ٿي. هي سماٽ ذات آهي. روايت آهي تہ ڪتياڻن جو اصل تعلق افغانستان سان آهي. بلوچستان ۾ رهڻ ڪري بلوچ سڏايائون. سنڌ ۾ آباد ٿيا. سنڌن وڏو بهادر خان سنڌ مان لڏي لورالائي ويو. سندس نالي پٺيان بارڪان مشهور ٿيو. ڪتياڻ بگٽڙي ڪيتران ٿيو. هي محاورو صرف و نحو جي آڌار تي نهايت دلچسپ آهي.

**حوالا:**

1_ چنڊ، محمد عمر، لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڏايون، زيب ادبي مرڪز حيدراباد، 1985ع، ص 27.

2_ Mario Pei & Gaynor, Dictionary of

linguistis, New York, 1954, p.56
3_ جيٽلي، مرليڌر (ڊاڪٽر)، مقالو: "سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ تي ٽيل ڪوجنا" ساهتڪار مهاراشٽر راجيہ ساهت اڪادمي، ممبئي، 1988ع، ص 29.
4_ Jones, D. An outline of English Phonetics, Cambridge, 1960, P.11
5_ Hochett pp. 473, 474 & 477.
6_ Robins, R.H. General Linguistics, (an introductory survey Longman London, 1964, p.57.
7_ Bloomfield, L. Language, New York, 1976, p. 321.
8_ Robins_ pp. 58_59.
9_ ڀيرومل، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص 16.
10_ ايضاً، ص 113.
11_ ايضاً، ص ص 117_ 118 ۽ 119.
12_ ايضاً، ص 151.
13_ بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر)، ٻيلاين جا ٻول، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1970ع (ٻيو ڇاپو) ص 74.
14_ ايضاً، ص 72.
15_ سمون، الهبچايو، سير ڪوهستان، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1959ع، ص 33.
16_ خادم، داد محمد (ڊاڪٽر)، سبي خطي ۾ سنڌيءَ جي مختلف محاورن جو مطالعو، قلمي، ص 3.
17_ ايضاً، قلمي، ص 5.
18_ ايضاً، ص 5.
19_ ايضاً، ص 19.
20_ خادم، داد محمد، ماهنامہ پيغام، مقالو: "سنڌي ٻولي ۽ اُن جا محاورا"، فيبروري 1988ع، ص 21.

# باب ستون

# پهاڪا، اصطلاح، چوڻيون ۽ ورجيسون

مون کي احساس آهي ته ڪنهن به زبان جي اصل جوهر جي پرک اُن جي لساني، صوتياتي ۽ صرف و نحو جي تپاس ۽ اُپٽار سان ٿئي ٿي. منجهس ڪهڙيون خوبيون ۽ نرالايون آهن، اُنهن جي جاچ ڪجي ۽ ڪولي مثالن سان بيان ڪجي. اِن ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته لسانياتي جائزو زبان جي حُسن کي پوري آب و تاب سان ظاهر ڪري ٿو. سنڌي زبان جي ماهرن اِن باري ۾ گهٽايو ڪونهي، ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، پروفيسر علي نواز جتوئي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا هن سلسلي ۾ بنيادي ڪم ڪيو آهي ۽ لسانيات توڙي گرامر جي هر پهلو ۽ باريڪ نُڪتن کي ڪولي بان ڪيو اٿن. آءٌ هن باب ۾ زبان جي حُسن ۽ جلوي کي آشڪار ڪرڻ ٿو گهُران. جيڪو پهاڪن، اصطلاحن، چوڻين ۽ ورجيسن ۾ به موجود آهي ۽ زبان جي ماهيت ۽ جوهر کي ظاهر ڪري ٿو.

زبان ۾ خوبصورتي ڪيئن پيدا ڪجي، اُن لاءِ اُن کي خوبصورت معنيٰ وارن فقرن سان سينگاري پيش ڪبو آهي. اُهي فقرا آهن: پهاڪا، اصطلاح، چوڻيون ۽ ورجيسون. ڪيترا قديم آهن؟ اُن جو اڃان مڪمل سراغ نه مليو آهي. البت ڪن جو شان نزول محققن بيان ڪيو آهي، جنهن سان پهاڪن وغيره جي لفظن ۽ معنيٰ ۾ نهَڪي اچڻ جي پروڙ پوي ٿي.

سنڌيءَ ۾ ابتدا ديوان ڪوڙيمل چندن مل کلناڻيءَ (1844ـ 1916ع) پنهنجي ڪتاب "سنڌي پهاڪا" (1889ع) سان ڪئي. اُن ڪانپوءِ روچيرام ڪرپالاڻي، ڪيولرام سلامت راءِ آڏواڻي، مرزا قليچ بيگ، پيرومل مهرچند، ڊاڪٽر سنڌيلي ۽ ٻين هي خزانو گڏ ڪيو. اهڙو وچور ڊاڪٽر سنڌيلي پنهنجي ڪتاب "پهاڪن جي پاڙ" (1966ع) جي مقدمي ۾، ۽ ڊاڪٽر جيٽليءَ، سنتداس پنهون مل ڪشناڻيءَ جي ڪتاب "سنڌي پهاڪا ۽ محاورا" جي

مهاڳ ۾ ڏنو آهي، جيڪو مهاڳ پوءِ جدا ڪتابي صورت ۾ به شايع ٿيو.

"سُرمو سيڪو پائي پر اک اک جو قير آهي."

هي پهاڪو جڏهن ڪنهن جملي ڪان سواءِ ڳالهائبو ته به مطلب چٽو بيهندو. مطلب آهي ته سهڻي اک ۾ سرمو به سُونهندو. پهاڪو خود سونهن جي معنيٰ ظاهر ڪري ٿو ۽ مطلب کي وڌيڪ خوبصورت بنائي ٿو. اهو آهي زبان جو اصل جوهر، سيني ٻولين ۾ هي خزانو موجود آهي. جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا. ماءُ هرڪا پنهنجي اولاد کي ساراهيندي، اسين پنهنجي هن اٿملهه خزاني کي واڪاڻيندا سين.

هي خزانو لوڪ سوچ ۽ ساهت جي پيداوار آهي. ماڻهن کي جيڪو تجربو ٿيو جيڪي هنن ڏٺو وائٺو تنهن کي ننڍن فقرن ۽ تُڪن جو روپ ڏنائون، وقت گذرڻ سان سياڻن، سبوجهن ۽ عالمن هنن ننڍين تڪن کي هيئت ۽ معنيٰ موجب ورهائي جدا جدا نالا ڏنا ۽ جي شيون حافظن ۾ محفوظ هيون، تن کي ضبط تحرير ۾ آندو. هيءَ تقسيم گهڻي محنت ۽ مطالعي کان پوءِ ڪئي ويئي، نه ته اڻ ڇاڻن اَڻ تارُن هن بي انت بحر ۾ ٿاڦوڙا به هنيا آهن.

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي هن بحر ذخائر جا سچا غواص ثابت ٿيا. هن جنس جي ڪري تي آخري ٿپو سندن آهي. ڊاڪٽر جيٽليءَ جي مٿي ذڪر ڪيل مُهاڳ ۾ تمام سهڻي تقسيم ۽ وضاحت موجود آهي. هُو هن خزاني کي ڇئن قسمن ۾ ورهائي ٿو، جيڪي هيئت ۽ معنيٰ جي مدنظر جوڙيا ويا آهن. انهن ۾ ماڻهن جي زندگيءَ سان لاڳاپيل نُڪتا آهن. اُن ۾ ماڻهن جي سوچ ۽ ڏک سک شامل آهن. لوڪ ادب جو حصو هجڻ ڪري پهاڪن، عام محاورن ۽ چوڻين جو مرڪز ڳوٺ آهن. اسان جي تهذيب ۽ تمدن جا بنيادي رنگ پهاڪن ۾ سمايل آهن. رهڻي ڪهڻي، اعتقاد، ريتون ۽ وندرون پهاڪن ۽ محاورن جا بنيادي ٿنڀ آهن. ڊاڪٽر جيٽلي هڪ چارٽ وسيلي اهڙي تقسيم ڪئي آهي(1).

پهاڪا، هڪ مخصوص انداز ۽ تُڪن ۾ نهيل آهن. هنن ۾ زبان جي چونڊ ۽ معنيٰ جو اظهار بنيادي ۽ پڏرو آهي. هن خزاني کي عالمن ۽ محققن

ڪتي درج بندي ڪندي هڪ کي ٻئي کان جدا نہ ڪيو آهي. هاڻي اُها ڳالهہ درجہ بندي تي ڇڪي آهي. ڪن ليکڪن هر مصدر جي صورت وارن فقرن کي اصطلاح ڄاتو آهي، ايئن نہ آهي. مقصد ٻي ۽ سهڻي معنيٰ ڏيڻ وارو نُڪتو آهي، اُن ڪري چئبو تہ کائڻ پيئڻ ۽ اُٿڻ ويهڻ اصطلاح نہ آهن. پر وات ۾ مُڳ هجڻ، ۽ کير ڪنڌ ٿيڻ اصطلاح آهن.

هن فن جي هر قسم (category) جو اڀياس ڪبو تہ اُن ۾ لفظي ٺاهہ ٺوهہ ۽ حسن هڪ طرف تہ معنيٰ جا موتي ٻئي طرف موجود آهن. سياڻن پهرين تہ پئي هي موتي ميڙيا ۽ هاڻي بلڪل ويجهڙائيءَ ۾ انهن جي هيئت ۽ معنيٰ موجب ورهاست ڪري پيش ڪيائون. تازي ۾ تازو جائزو ڊاڪٽر جيٺلي ڪيو آهي. هُو شري سنتداس پنهون مل ڪشنانيءَ جي ڪتاب "سنڌي پهاڪا ۽ محاورا" جو تفصيلي مهاڳ لکندي، هو فن جي قسمن جي تقسيم ڇئن حصن ۾ ڪري ٿو. اُهي هي آهن: پهاڪا، چوڻيون، اصطلاح (يا محاورا) ۽ ورجيسون. انگريزيءَ ۾ پهاڪن لاءِ پراورب (proverb) ۽ اصطلاح/ محاوري لاءِ اِڊئم (Idiom) جو لفظ نعم البدل آهي. جڏهن سنڌيءَ ۾ چئون: "بامحاوره زبان" (Idiomatic language) تہ اِتي محاوره جي معنيٰ واضح آهي ۽ اِها اصطلاح جي آهي. سڀ زبانون هن خزاني کان خالي نہ آهن. ايئن چوڻ تہ سنسڪرت يا ٻي زبان ۾ پهاڪا نہ آهن، صحيح نہ ٿيندو(2). "يٿا راجا تٿا پرجا" سنسڪرت مان آهي، جنهن مان "جهڙو راجا تهڙي پرجا" ورتل آهي.

هڪڙا پهاڪا مختلف زبانن ۾ ساڳيا آهن. Empty vessel thunders muck "سڪڻي کُني گهڻو اُيامي" هڪ ئي معنيٰ وارا آهن.

عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ جا هيٺيان پهاڪا هم معنيٰ آهن:

- التَعجيل فِعل الشطان (ع)
- تعجيل ڪار شيطان (ف)
- تڪڙ ڪم شيطان جو (س)

فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ هيٺيان پهاڪا هم معنيٰ آهن:

- دو برادر سوم حساب (ف)
- ڀائر ٽيون ليکو (س)

لڳي ٿو تہ ڪي پهاڪا شعوري ڪوشش سان بہ ترجمو ڪيا ويا آهن.

هي جيڪي بہ هن علمي خزاني جون صنفون آهن: انهن جي ڊاڪٽر جيٽلي واري تقسيم ڪافي آهي. انهن ورجيسن کي وري خود ساختہ قسمن جي ورجيسي پهاڪن، جملن ۽ اصطلاحن ۾ ورهائڻ پاڻ هڪ مونجهارو پيدا ڪرڻ برابر آهي(3).

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ هنن چئن قسمن ۾ فرق ڪهڙو آهي؟ اُن جو هڪ هڪ مثال وٺون ٿا.

1_ پهاڪو اهو آهي، جنهن ۾ موجود معنيٰ کي ڪنهن مثال سان ظاهر ڪجي. جيئن چئجي تہ ڪنهن ڪان ڪو ڪم نٿو پڄي تہ چئي "خراب آهي" پهاڪي وارو اُن کي هنن چند لفظن ۾ ظاهر ڪري ٿو: "گدڙ ڊاک نہ پڄي آکي ٿُو ڪَنا."

2_ چوڻيون بہ سهڻي معنيٰ وٺڻ لاءِ آڻجن ٿيون ۽ مفهوم حقيقت پسنہانہ آهي. چئي: "ٻُک ۾ بصر بہ مٺا". هونئن جيڪا شي شوق پئي نہ کائجي اُها بہ بک لڳڻ وقت مٺي لڳي.

3_ اصطلاح، جي هيئتي جوڙجڪ (form) مصدر جي صورت ۾ هوندي آهي: پر نهايت معنيٰ خيز ۽ گفتي کي سونهن بخشيندي آهي. مثلاً: کير کنڊ ٿيڻ"، يعني پاڻ ۾ صلح ۽ محبت سان رهڻ.

4_ ورجيس اهڙن ٻن ٽن لفظن جي ميڙ سان ٺهي ٿي، جنهن ۾ معنيٰ تہ سهڻي بيهي ٿي، پر اڪثر ٻيو لفظ پهرئين جي صوتياتي زور کي ضابطي ۾ رکي ٿو. جيئن: ڇڊوپاڊو.

جڏهن ٻوليءَ جي سونهن وڌائڻ جي ڳالهہ ڪريون ٿا، تڏهن هن جي ڪنهن بہ صنف جي اهميت، هيئت جي مدنظر نہ پر معنيٰ جي مدنظر آهي. اُن ڪري هي پهاڪا ۽ اصطلاح وغيره ڪيئن سنڌيءَ جو جوهر ۽ حسن وڌائين ٿا، اُن جو جائزو حاضر آهي.

### اُٺندو اُها جا ڪوريءَ جي من ۾ هوندي.

هي پهاڪو ظاهري وات ۾ ڪوريءَ جي اختياري ڏيکاري ٿو، جو

جڏهن تاجي اڳيان پڪڙيل اٿس، ۽ پيٽي لاءِ نڙو هٿ ۾ اٿس، تڏهن ڪپڙو گهاٽو اُٽي؛ توڙي ڇدو تہ مرضي سنديس. حقيقت ۾ مطلب هي اٿس جو ڏٽي سڀ ڪم لاءِ سگهارو آهي. نہ ڪنهن جي صلاح وهيٺو نہ ڪنهن جو دلبو ڪائي نہ ڪنهن جو مٿس زور هلي. (سمجهاڻي: ڪيولرام)

## اُهو ڪي ڪجي جو مينهن وسندي ڪم اچي.

مينهن وسندي جو مطلب آهي تہ گهُرج مهل يعني هلندي چلندي ۾ اهڙو خرچ ڪر جو چاقائي ۽ بيماريءَ ۾ بک نہ مرين. تنهن جو ارٿ هي آهي تہ ڪي ڪاءِ ڪيۏ بچاءِ. (سمجهاڻي: ڪيولرام)

## اُها زبان اُسَ ۾ ويهاري، اُهائي ڇانوَ ۾ ويهاري.

ڇانوَ ۽ اُس اشارو مان ۽ بي مانائيءَ جو آهي. پهاڪي جو مطلب هي آهي تہ جو ماڻهو ادب سان يا منو يا سچ ڳالهائيندڙ هوندو سو آدار پائيندو ۽ بي ادبيءَ سان يا ڪَوڙو يا ڪُوڙ ڳالهائيندو سو بي مانو ٿيندو. ٻن طرفن جي ڳالهائڻ لاءِ زبان هڪڙي، پر هڪڙيءَ طرح جي ڳالهائڻ جو ڦل هڪڙو ۽ ٻي طرح جي ڳالهائڻ جو ٻيو ڦل. (سمجهاڻي: ڪيولرام)

## صبر جَنين سير، تير نہ ڳسُي تن جو.

هن پهاڪي واري صبر کي ساراهيو آهي. يعني جو صبر ڪندو سو مطلب کي پهچندو. (سمجهاڻي: ڪيولرام)

## هسٽو جوڳي پڏٽي نار، گد ڪهي هي ٻيئي مار.

هسٽو يعني ڪلڻ وارو، چرچائي، پڏٽي يعني ٻناڪڻ زال. گد شاعر جو نالو آهي. هُو چوي ٿو تہ جوڳي يعني ڏٽيءَ جي ڳولهي (طالب) کي دنيا جي رونشن ڏسڻ ۽ ڪلڻ ڪڏڻ سان ڪهڙو ڪم؟ اهڙي ريت اشراف زال کي پڻ اجائي هلت ۽ ڪلڻ ڪان منع آهي. (سمجهاڻي: ڪيولرام)

## يار بہ تيلي سينڌ بہ ميلي.

تيلي يعني چاڪي. ميلي يعني اٽيي. مطلب تہ جنهن عورت جو يار چاڪي هوندو، تنهن کي سينڌ مکڻ لاءِ تيل جي کهڙي ڪمي! جڏهن تيل نہ مليس تڏهن چاڪيءَ جي بي مُهابائي ڇئبي. (سمجهاڻي: ڪيولرام)

## انڌو هاٿي لشڪر جو زيان:

سڪندراعظم 327 ق. م ڌاري سنڌ تي ڪاھ ڪئي، تنهن کان اڳ پنجاب جي راجا پورس سان لڙيو. اُن جي بهادري ڏسي، خوش ٿي کيس پنجاب ملڪ واپس ڪيائين. سڪندر جو لشڪر گهوڙن تي هو. پر راجا پورس جي لشڪر جو ڪجھ حصو هاٿين تي هو. جڏهن سڪندر جي لشڪر جا تير پورس جي هاٿين کي لڳا، تڏهن کي انڌا ٿيا، کي زخميا ۽ کي چرچي چتا ٿيا. اڳتي وڌڻ بدران پوئين پير موٽي پنهنجي لشڪر کي چيپاٽيندا ويا. (سمجهاڻي: سنديلو)

## انڌيري نگري چرٻٽ راجا، ٽڪي سير ڀاجي ٽڪي سير کاجا:

جڏهن ڪو ظالم ۽ بي عقل حاڪم ٿيندو آهي ته اُن جي حڪومت جو جلد ئي زوال اچي ويندو آهي. جڏهن ڪو حاڪم رعيت جي حال کان غافل ۽ بي پرواھ رهندو آهي، تڏهن ان جي دور ۾ ظلم ۽ مصيبت حد کان لنگهي ويندي آهي. اُن حقيقت بابت هي پهاڪو ٺهيل آهي. (سمجهاڻي: سنديلو)

## چَٽي چَنيجن جي پُرڻ تي پيئي:

چنيجا ۽ پرڻ، موري تعلقي ۾ ٻه ڳوٺ آهن، جي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون آهن. چنيجن ۾ هڪڙو هندو سيٺ رهندو هو، جنهن جي ڪن ماڻهن سان اَڻ ٻڻت ٿي پيئي. انهن ماڻهن کي هروقت اهو خيال رهندو هو ته سيٺ جو سر ڪٽجي (کيس مارجي). هڪ دفعي سيٺ جو ڏاڙو هٽڻ ويا. اونده ۾ ر ستو ڀلجي ويا ۽ وڃي پُرڻ تي ڪڙڪيا. ڏاڙو ته هنيائون پر سندن مطلب سڌ نه ٿيو. ڪنهن انهيءَ واقعي بابت اهو پهاڪو چيو (سمجهاڻي: سنديلو)

## رامداس اٿئي ٻگهلو ڀڳت

هن پهاڪي جو اشارو هي آهي ته متان هُن جي فريب ۾ اچين. هن جو مثال ايئن آهي جو ڪو ٻگهلو ڍنڍ ۾ هڪ اک بند ڪري ۽ هڪ ٽنگ مٿي ڪٽي ايئن بيٺو هوندو آهي، ڄڻ ڪو ساڌو مهاتما تپسيا ۾ مگن آهي. جيئن پاڻيءَ ۾ ڇُرپُر ٿي ته مڇيءَ کي ڏسي جهٽ هٽي ڇهنب ۾ پڪڙي وٺندو آهي. هي اشارو اهڙي ٺڳ بابت آهي، جيڪو ٻگهلي وانگر آهي جو ٻاهران ته ڀالو

پولڻ لڳندو آهي، پر اندر ۾ ابليس هوندو آهي (سمجهاڻي: جيٺلي)

پهاڪن وانگر اصطلاح بہ سنڌيءَ جي سونهن آهن. بامحاوره ۽ اصطلاحي ٻولي جملن ۽ تحرير توڙي تحرير کي تز بامعنيٰ ۽ خوبصورت بنائي ٿي. انهن جو استعمال اهڙي سهڻي معنيٰ کي ظاهر ڪري ٿو، جنهن جي هرڪنهن کي خبر نہ پوي. ڪي اصطلاح هي آهن:

**اَڇا ڪارا پڌرا ٿيڻ:**

يعني اصل ڳالهہ پڌري ٿيڻ. ڪنهن حجم ڪان وار لهرائيندي پڇبو تہ وار ڪارا آهن يا اڇا؟ جواب مليس تہ اڇهو ٿا پڌرا ٿين.

**اوجهہ ڏيڻ:**

مرڻ _ ڦاڙهو جتي ڪائي اُتي اوجهہ ڏي (چوٽي).

**ايل چاڙهڻ:**

ڦاهو ڏيڻ، سزا ڏيڻ ۽ قيد ڪرڻ. اصل ترڪي لفظ آهي.

**ٽالهيٺون لاهڻ:** برادريءَ مان ۽ پيٽ پوٽ مان ڪڍڻ.

**ٽڳا ٽوڙڻ:** واسطا ٽوڙڻ.

**ٽانڊو ٽوپي ڪرڻ:** خدمت چاڪري ڪرڻ.

**پريا پڌرا ڪرڻ:** عيب ثواب ٻڌائڻ. معنيٰ اڇا وار.

**سڱن تي ڪٽڻ:** چنڊ پٽڻ، وڙهڻ.

**ڦلهير ۾ ڦوڪون ڏيڻ:** اجائي ڪوشش ۽ ڪشالو. ايئن ڪرڻ سان باهہ نہ ٻرندي، پر ڌوڙ ڦلهير منهن ۾ پوندي.

**ڦورو ڦولهڻ:** عيب ظاهر ڪرڻ. "شل ڦوري نہ ڦولهو سنئين پٽي صراف ڪي" (شاهہ لطيف)

**گهر ڍهڻ:** زال مري وڃڻ. دراصل گهر کي ٺاهيندڙ زال آهي. اُن ڪري زال جي مرڻ کي مجازاً گهر جو ڍهڻ سڏيو ويو.

**لڪ تي مٿو ڏوڻڻ:** گهٽي هوند وارو ۽ دولت وارو هئڻ. روايت آهي تہ ڪنهن شاهوڪار کي پيريءَ ۾ پٽ ڄائو تہ لک روپيا زمين تي رکي سڪيلڏي کي وهنجارياٺون ۽ اُهي مسڪين ماڻهن ۾ تقسيم ڪيائون. اِن تي اصطلاح ٺهيو.

**ننگر هلڻ:** مهمانوازي ۾ مانيءَ جو سلسلو جاري رکڻ. نواب چام ڪانيو خان جوڻيجي (چام صادق عليءَ جي والد) جو ننگر هروقت جاري رهندو هو. آيو ويو ڪائي خوش ٿيندو هو. (سيني اصطلاحن جي سمجهاڻي: سنديلو)

**چوڻيون:** به سنڌي زبان جو حسن وڌائن ٿيون. چوڻيون هڪ ته حقيقت سان هم آهنگ آهن، ٻيو ته موسمن ۾ ٻين ٽاڻن جي آثار ٺهيل آهن. مثلاً: ڏياريءَ جي ڏڻ وقت ڇيڙ پڇن ته اُن تي چوڻي ٺهڪي "ڏياريءَ جو ڏيو ڏنو، ننڍو وڏو ڇيڙ منو" چند چوڻيون هي آهن:

- يار اُهو جو اوکيءَ ويل ڪم اچي.
- جوءِ ڏسي بيٺ ته ماءُ ڏسي ڀيٺ
- آهه غريبان قهر خدائي
- ڏکڻ مينهن نه وسڻا جي وسي ته ٻوڙي
- انسان خطا جو گهر آهي
- جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي
- لالچ بُري بلا آهي
- دير پيا درست ٿيا
- جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا
- ذات نه آهي ذات تي (بيت).

**ورجيسون:** هي لفظن ۾ فقرن جا ننڍا جهڳٽا آهن ۾ جن سان تحرير ۾ تقرير ۾ سونهن ۾ آواز جي مدنظر ٺهڪندڙ معنيٰ به ملي ٿي. اهڙا ڪئين مثال آهن، جيڪي زبان ۾ ورجيس جي استعمال ڪي موزون بنائين ٿا، ڪي ورجيسون هي آهن:

ڀاڙو ڀتو، چور چڪار، چوڪر پاڪر، پاءُ پند، اچو جهڙو ڪير، پيلو جهڙي هيڊ، ڳجهه ڳوهه، ٻوڙ ٻاڙي، پونءِ ٿوري ڀاڙو گهٽو ۾ بابل جو ڪوهه وغيره.

جيئن عرض ڪيم ته هي لوڪ خزانو اسان جي زبان لاءِ هڪ زيور مثل آهي. نار نشيلي هجي پر زيورَ به حسن ۾ اضافو ڪن ٿا. پهاڪن ۾ اصطلاحن، چوڻين ۾ ورجيسن جي به اِها حقيقت آهي.

## حوالا:

1ـ جيتلي، مرليڌر (ڊاڪٽر)، سنڌي ڀاشا ۽ محاورا (هڪ اڀياس)، بمبئي، 1993ع، ص 6.
2ـ عبدالوهاب سهتو، ورجيسون، حيدرآباد، 2003ع، سادا اکر، از نذير سومرو، ص 7.
3ـ ايضاً، ص ص 18ـ 19.

### باب اٺون

# سنڌيءَ جا سردار
# سنڌيءَ جا معمار

اسان جا شاعر ۽ نثر نويس سنڌي زبان جا معمار ۽ مهندار آهن. آءُ کين سردار بہ سڏيان ٿو. سنڌي زبان جي ابتدائي شاعرن قاضي قادن، عثمان احساني، لطف الله قادري، پيز محمد لکوي، عنات رضوي، داڏو ديال، شاهہ ڪريم ۽ پراڻ ناٿ هن عمارت جي تعمير ۾ حصو ورتو آهي. شاهہ ڪريم جو ڪلام نسبتاً اڄ جي زبان کي وڌيڪ ويجهو آهي. تصوف ۽ توحيد جي بيان ۾ نهايت چٽو ۽ پراثر آهي. ايئن چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ شاهہ ڪريم سنڌيءَ جي سردارن ۽ معمارن ۾ نشانبر ۽ يگانو شاعر آهي. سندس ڪلام سادو ۽ پرمعنيٰ آهي:

مُٺ ميڙيائي ملي، جي اُپٽي تہ واءُ،
جي پڌر وڌءِ ڳالهاڙي تہ ڇڏي وڃي ساءُ.

—

پاڻيهاري سر ڀڃڙو، جَرَ تي پکي جئن،
اسان سڄڻَ تئَن، رهيو آهي روح ۾.

—

نينهن نياپي نہ ٿئي، سَڏين سيڻ نہ هُون،
ڪارئين راتيين رت ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رُون.

### شاهہ عبداللطيف ڀٽائي(1690ـ 1752ع):

هن سلسلي ۾ شاهہ صاحب هڪ ئي رانجهو لکن جو مٽ آهي، جيڪا ڳالهہ شيڪسپيئر لاءِ چئي ويئي، اُها شاهہ صاحب تي بہ صادق اچي ٿي. بنياد کان هٿ وڌائين ۽ عمارت جا سڀ مرحلا مڪمل ڪري هن صورت ۾ آندائين.

سنڌي زبان جي ڪنهن بہ نحوي، صرفي، صوتي ۽ اصطلاحي پهلوءَ جو جائزو وٺون تہ رسالو موجود آهي. هر نُڪتي لاءِ چمڪندڙ مثال موجود آهن. ڪو لفظ چئو، ڪا ڳالهہ ڪريو تہ اُن جا مثال بيتن ۾ وضاحت طور شاهد طور ملن ٿا. رهنمائي ڪرڻ لاءِ بہ پنهنجا ماڻ، پنهنجا ماپا، پنهنجا دليل ۽ پنهنجا مثال ڏي ٿو:

وَرَ سين پايو ڪاڻ، ڪَر سين ڪِلون پائيين،
پوري مُنڌ اَجاڻ، ڪَنَ چڙيو تُهہ چُوندئين.

—

پکي ۾ پدمٽي، ڪر ڏي وراڪا وچ،
جهڙي صورت سچَ، تهڙي مورت مارئي.

—

نڪو جن جهان ۾، نڪو سُجي نانگ،
سسئيءَ چڙيو سانگ، تہ چپر مڙئي چاڙڪي.

—

اَمڙ وجي آڻ، چرخو آتڻ وچ مان،
ڪتيم جنهين ڪاڻ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

—

ڪو جو ڪامڻ مي، آهي اڪڙين ۾،
تن تماچي چام جو، ناپون پايوني،
عشق ايئن ڪري، جئن چارو چام ڪلهي ڪيو.

—

هُيس هندورن ۾، پييم ڪانہ پَروڙَ،
مٽئي سندي مامري، ڪوجهي وڏيس ڪُوڙَ،
سامهان تيم سُورَ، ويو ولِتي ولهو.

شاهہ جي رسالي جي هڪ هڪ تُڪ، هڪ هڪَ بيت سندس فن تعمير جو شاهد آهي. مثال وٺي پوري نہ پئبو. اڄ سنڌي هڪ زندهہ ۽ وڌندڙ زبان آهي، اُن ۾ شاهہ صاحب جو ئي هٿ آهي. هن عمارت جو رازو، واڍو ۽ معمار

(Architect) شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي. رسالي جو صرف و نحو جي حوالي سان جائزو وٺون تہ ڪيس ڀرپور داد ڏبو.

**سچل سرمست** (1739ـ 1829ع): پنهنجي انداز ۾ سچل سائين سنڌي زبان کي هرطرح شاهوڪار ڪيو. سچل جو نعره رندانہ ۽ نعره سرمستانہ منفرد آهي. اُن کي ٻي سمجهہ پروڙيوئي نہ. هُن جو آواز نهايت بلند آهي:

ڪلمو پڙهان تہ ڪافر ٿيان، ڪلمو پڙهي ڪير،
جاڏي راهہ رسول جي، تاڏي نہ ڀريان پير،
جي من مان نہ ڪڍان مير، تہ حضوري حاصل نہ ٿئي.

ـ

ملان انهيءَ منڌ جو، چڪو جي چکين،
ڪارنهن ڪٽي ڪُنڊَ ۾، وينو مُنهن مکين.

ـ

چڱو گوندر غم، جي مون پڇو جيڏيون؛
منجهہ ڪشالي ڪم، آهي ورهہ وارئين.

ـ

ڪي جو لکيائين، سو مُلان وڃي واچيو؛
هڪ سٽَ پڙهيائين، ٻيءَ سٽ سڌڪن ۾ پيو.

ـ

صورت سڀ سبحان، پاڻ پسڻ آيو پنهنجو تماشو!
ڪاٿئين حنبل، شافعي، ڪاٿئين مالڪ نعمان،
ڪاٿئين پٽي پوٿيون، ڪاٿئين پڙهي قرآن؛
ڪاٿئين اناالحق چوي، ڪاٿئين قيرائي فرمان! الخ

ـ

ڪيڙو وڃهان ڪوهہ ۾، نورنگ ندورو،
دل اٿم ديرو، هزاري جي هوت جو.

ٿوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو،
وهم سچل ڪڍ ٻانهپ وارو شملو ٻڌ شهانو.

سچل سائين سنڌي زبان جي هلندڙ نهج، ۽ انداز ۾ پنهنجي اسلوب جي ڪري هڪ قدم اڳتي ٿي ويو.

**قادربخش بيدل** (1814ـ 1872ع) ۽ سندس فرزند محمد محسن بيڪس (1859ـ 1882ع) جا رنگ نرالا آهن. گهڻي ڀاڱي منصوري نعرا بہ هنيا اٿن، پر رنگ ۽ اسلوب پنهنجو اٿن. 19 صدي عيسويءَ ۾ ٻنهي جو اثر وقت جي سنڌي زبان تي نمايان آهي. سچل سائين وانگر بيدل سائين ۽ بيڪس سائين ٻين زبانن ۾ بہ ڪلام چيو پر سنڌيءَ کي بہ اُجاري ڇڏيائون. بيدل سائين فرمايو:

آءُ آهيان اسرار، عالم ليکي آدمي،
عرشئون اچي اِتهين، عشق ڪيس اظهار،
ڪين هلي ٿي قرب ۾، دين ڪفر جي ڪار،
ٻانهپ ٻولي ناهہ ڪا، نُور آهيان نروار،
بيدل بندو ناهين تون، آڻ اِهو اعتبار.

—

ظاهر بندو باطن موليٰ، عشق جي بازي سمجهي ڪير؟
ايهو راز ڪري ٿو روشن، علي ولي شاهہ مردان شير،
من عرف جي مام موچاري، فرمودي ۾ ناهي قير،
پنهنجو سر صحيح ڪر بيدل، سوجهي سمجهہ سرءَ جو سير.

**مصري شاهہ** (1828ـ 1904ع): ڪافيءَ جو بادشاهہ سڏجڻ وارو، سنڌي زبان کي بہ شاهوڪار ڪرڻ وارو هو. سندس ڪلام ۾ لفظ ۽ اُنهن جي موسيقي نمايان آهي. ڪچهري ۽ راڳ جو ڪوڏيو هو. ڳائڻ وارا سندس محفل ۾ موجود رهندا هئا. سندس ڪافين مان ڪهڙي چوند ڪجي! بس نموني خاطر هيٺري:

وسري ويا ٻئي جُڳ جڏهن دل جان سان دلبر ڏٺم،
مهتاب مک محبوب جو، محراب منهن منور ڏٺم،
عاقل ۽ عالم اوليا صنعان جهڙا سؤ هزار،
قيد ڪامل جي ڪڙي ۽ ملڪ سڀ مضطر ڏٺم ـ الخ

—

ڪج زلف ڪمند ڪڙيارا، سي تان پائين دام دوبارا،
ڏين لامارا لحظي لحظي، بند ڪن بلخ بخارا.

—

ڪنياڻون ڪلي، نيڻ گهرا گلابي،
پريل ٻاجهه نرگس، عجب نيم خوابي.

—

اڄ تہ عجيبن آڻي لايا نينهن نوان،
مينهن منداڻتا "مصري" واهه ولهرين وٺا،
سرها سيني لايان، مليا محب مٺا،
ڏيهه ڏنگو تان ڇا ڪندو، سڄڻ هون سنوان.

—

سهسين رنگ سيلا سنها، سر تي ستم گرڪيم ڪر،
دردوندن جون دليون حيران، هر هر ڪيم ڪر.

**محمود فقير ڪتياڻ** (1852ـ 1907ع): هن شاعر جي هڪڙي مترنم ڪافي اسان جي موضوع سان ٺهڪي اچي ٿي:

ديدن ڪيا درسن، اڄ پيچ پنيءَ برسن!
ماڙيچا منهنجا موهر ۾، شل پاڙيچا پرچن!
ڇوڙيليون اڄ چاهه منجهان ٿيون ڪاهه ڪيو ڪڙڪن،
ڪونجن وانگي ڪَر ڪنيو ٿيون تڙ مٿي ترسن،
گهڙا جنين جا گوهر گگهريون مٿي تي مرڪن،
سينهوڙيون اٿن سوڪڙيون سي جنهنور جئين جهر ڪن،

جام، صراحيون جن سان پيتم تن وٽ حال هلان،
ڳري لڳي مون لڙڪ لڙي پيا ماڙيچن شال ملان،
ساهه منهنجو پساهه پرين سان پنهنجي روحَ رلان،
چشمن سان چوغان چمان ميدان هلي مرڪن،
نبيسر جون نام ڪنيون ٿيون دام وجهن دواليون،
جادوءَ ساڻ جمال جون ٿيون زور هٽن زاليون،
رنگ پريون آهن ريتون تن جون چُست چڱيون چاليون،
ٽر ٿُوهر مَڪ مانڌاٽا منجهه ويڙهيچن ورڪن،
ديدن ڪيا درسن..................................................... الخ.

**نواب ولي محمد لغاري** (1836_ 1914ع): سنڌي ڪافيءَ جي زبان ۽ بيان ۾ نواب صاحب جو هڪ منفرد مقام آهي. صوفيانه انداز ۾ فرمائي ٿو:

جوڙي قلب بيت ربي، انسان ۾ سمايو،
ڏسي ذات کي صفت ۾ مَلڪن ٿي سرنمايو،
آدم جو پوش پائي آيو پاڻ کي لڪائي،
مچ عشق جو مچائي، خود عشق بنجي آيو،
ڏيئي حسن جو ڏيکارو، وري پاڻ ٿيو نيارو،
سوريءَ جو ڪيئين اشارو، سر عاشقن سنيايو،
اصلئون هو سر حقاني، لاريب لامڪاني،
منجهه رمز "لن تراني"، وري طُور ڪنهن جلايو،
"ولي محمد" سنيارج، ذاتي نه دم وسارج،
پنهنجو پاڻ ۾ نهارج، صورت سان پيچ پايو.

ـ

ميران پور جي ٻاجهه ٿي، غم وهم سڀ ويا،
ذاتي جي ذوق سان، ڪلي قلب پيا،
عقده دؤر دنيا جا، صوفيءَ صاف ڪيا،
ولي محمد مطلب ٿيا، وريا ورق وصال جا.

**مولوي عبدالغفور مفتون همايوني (1844ـ 1918ع):** مولوي صاحب جي هڪ سنڌ ملوڪ ڪافي هيءَ آهي:

تنهنجي زلف جي بند ڪمندا وڏا،
زندان هزارين مان نہ رڳو.
تنهنجي شاهي دسترخوان مٿي،
مهمان هزارين مان نہ رڳو.

ڪيئي گهائل تنهنجي گهور سندا،
مخمور غفور سُرُور سندا،
تنهنجي نور ظهور حضور سندا،
نگران هزارين مان نہ رڳو.

ڪيئي ابرو تيغ شهيد ڪيا،
ڪيئي ناز مزيد مُريد ڪيا،
ري ناڻي ديد خريد ڪيا،
دربان هزارين مان نہ رڳو.

اي ماهہ لقا محبوب مٺا،
تنهنجي ناز ادا تان جان فدا،
ٿيا دامن گير امير گدا،
سلطان هزارين مان نہ رڳو.

دلبر پيارا ڪر نور نظر،
تون تہ سرور عالم جن و بشر،
تو تان ڪتيون تارا، شمس و قمر،
قربانِ هزارين مان نہ رڳو.

**مير عبدالحسين سانگي** (1851ـ 1924ع): سانگي، سنڌيءَ جو اڪيلو شاعر آهي، جنهن جا سنڌيءَ ۾ ٽي ديوان آهن. سندس زبان ڪٿي بيشڪ فارسي آميز آهي، پر زبان جي رواني، تسلسل، موسيقيت ۽ سادگيءَ سبب سانگي مقبول ٿيو:

تڏهن ترڪِ وطن ڪيوسين جڏهن اهلِ وطن بگڙيا،
جي بگڙڻ جا نه هئا، اهڙا به يارانِ ڪُهن بگڙيا.
آهي اهڙو اچي آخر ۾ قسمت کي خزان ورتو،
چمن جو سير ڪيوسين ٿي ته مرغانِ چمن بگڙيا.
هوا اهڙي لڳي آهي جو پنهنجي پنهنجي مذهب کان،
مسلمان و ڪرستان و يهود و برهمن بگڙيا.
اثر صحبت جو بيشڪ ٿئي ٿو مونکي ٿيو يقين آهي،
زماني جي بگڙجڻ کان ته مردن جا سخن بگڙيا.
نه بگڙي دل گهُريو دلدار منهنجو مه لقا مون سان،
رقيب رُو سياه جهڙا هزارين مر وتن بگڙيا.

ـ

چيو مشاط زلف نازنين آهن نندا آخر،
بلاي جان تڏهن ٿيندا، جڏهن هي پيچ پائيندا.

ـ

اهي محبوب نوخيزا سڄو عالم نچائيندا،
پرت مان نينهن جا نُورا جڏهن پيرن ۾ پائيندا.
اسان جي عشق جون ڳالهيون ادا ڳوٺن ۾ ڳائيندا.
اسان جي نظم کي مطرب ته سازن تي سرائيندا.

ـ

ويا شوخن جي سامهون شان نڪري شاندارن جا،
ڏٺم راهِ محبت ۾ متا ڪوڙيل متارن جا.

ڪٿي مون عمر ساري صرف پنهنجي عشق بازيءَ ۾،
ستم سر تي سوين صدما، پرت مان پنهنجي پيارن جا.
سندءِ هيءَ آهہ زاري بيقراري بي سبب ناهي،
اي سانگي سچ چوان توکي پون ٿا پُور پيارن جا.

—

ادا ڙي اسين آهيون عاشق مزاج،
آهي سر اسان جي تي وارن جو تاج.

—

عشق بازي ڪجي ڪجي نہ ڪجي،
روح راضي ڪجي ڪجي نہ ڪجي.
جي حقيقت نہ ٿئي حاصل،
تہ مجازي ڪجي ڪجي نہ ڪجي؟

—

دردن ڪٿي آ ڏام ڏوم دل ناتوان تي،
صدما هزار سهان ٿو آءٌ پنهنجي جان تي.

—

واچوڙي وانگي ڦرندو وتان آءٌ روز شب،
آهيان ڪڏهن زمين تي ڪڏهن آسمان تي.

**سانوڻ فقير** (**وفات** 1935ع): سنڌ ۾ نڙ بيت چوندڙ ڪيئي شاعر ٿي گذريا آهن، انهن ۾ زبان جي شاهوڪاريءَ جي لحاظ کان سانوڻ فقير اهم آهي. سندس بيتن جو نمونو هي آهي:

موڪل ڏي تہ ملير وڃان، ڍري ڏسان ڍاٽ،
ملڪ مارو مير جو، لکپت ۽ لاڪاٽ،
ملڪ مارو مير جو، سُتيارو سيڪاٽ،
سانگي منهنجا سنمک سهڻا، نهيو ڪن ٿا ناٽ،
جويون جيسلمير جون، آهن ڪُل ڪنواٽ،

نبي سر جون نام ڪنيون، ننگ پريون ڪن نات،
چولا تن چوڙيلين جا، تؤنر تڪن سان تات،
گهٽي لوڏ لوهارين ۾، ٻي، سونهن وڏي سمات،
هٿن ڪاريون پچن ڏاريون، مر گهيون ڏين موڙات،
جت ڪيريون ٻيريون ٻاوريون، ٻيا ٻوهن جا ٻيلات،
ڏس قوت ڪنوارين جي، منگهه ولوڙين مات،
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، آهن ڪيرن جا ڪڙات،
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، آهن ڏؤنرن جا ڏوڏات،
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، آهن چيرين جا چٽات،
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، آهن ٻڪرن جا ٻيڪات،
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، آهن گهيٽن سندا گهات،
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، چَتوئن جا چيهات،
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، ڏُڪن تا دونهات،
سدا مُندَ سانگين جا، ڳاگين متي ڳات،
پائي پانڌ ڳچيءَ ۾، مون لکين ڪيا لولات،
پسي سونهن سانوڻ چئي، تون عمر ڪر نہ اورات،
پائي ڳل ڳچيءَ ڳات، وجي ملان مارو مير ڪي.

---

آءُ گڏو آءُ گولاڙو، آءُ ٻي پَٽو آءُ ٻي پاڙو،
من جي مرادن ڪي، آءُ ڪريان ڪُجاڙو،
هٿين خالي آهيان، مون وٽ پتو نڪي پاڙو،
ڏسي دور دنيا جا، مون کي سرس لڳو ساڙو،
هيءُ جُوءِ چڏي هُن حد ۾، مون ڏن ڏسي هنيون ڏاڙو،
صوفيءَ جو سانوڻ چئي، لٿو من تان مونجهارو،
جڏهن تُرندو تُراڙو، تڏهن پوندي سُڌ سچائيءَ جي.

**منٺار فقير** (1865ـ 1938ع): منٺار فقير ڪافين ۾ دل جا جذبا

قلمبند ڪيا آهن ۽ زبان ۾ هڪڙي قوت ۽ طاقت جو بہ مظاهرو ڪيو اٿس. سندس ٻن ڪافين جا مثال هي آهن:

خاڪ جي چولي ۾ جو ٻولي، اهو آواز اُلائي ٿو ڪير؟
آواز سڻي ٿو ڏسي پسي ٿو ههڙا هنر هلائي ٿو ڪير؟
الانسان سري وانا سره اهڙا لفظ لڪائي ٿو ڪير؟
"ونحن اقرب" ويسهہ ڪريو سڀ رنگہ منجهہ سمائي ٿو ڪير؟
مُور اصل منتارتہ ڪونهي هي قلبُون ڪافيون ڳائي ٿو ڪير؟
ڳول ڳجهارت ڳالهہ اِنهيءَ جي سمجهہ سلوڪ سڻائي ٿو ڪير؟

—

آيو حسن جو يار هتيار ڪٽي، آيس شوق شڪار ڪرڻ جو.
سر سجڻ جي زلف زهري، ڪارا ڪيس ۽ سيهر ڦهري،
جئن نانگ ڪاوڙجي ڪِڏن ڦٽي، رکي ڏمر ڏنگڻ ڏهڪار ڪرڻ جو.
پوئر پرون ٻئي ٻٽچيون پالا، نيڻن نراڙ ۾ نيزا نرالا،
ٻي جا تکي تلوار ڪان اک جي اَٽي، اهو ساٿس سامان سنگهسار ڪرڻ جو.

**هدايت علي نجفي تارڪ** (1894ـ 1939ع): سنڌي زبان جو هي بلند معيار شاعر زبان جي استعمال ۽ اُن جي موسيقيت جي ڪري ڏيان ڇڪائي ٿو. سندس ڪلام ۾ وارفتگي ۽ جوش نمايان آهي:

عيش عشرت رنج راحت وصلؔ هجرت چار ڏينهن،
عشق الفت يا عداوت آهي مدت چار ڏينهن.

فرشاهي ڪج ڪلاهي، سؤ سپاهي، سڀ گذر،
شان شوڪت ناز نعمت، تاب حشمت چار ڏينهن.

يار جاني هيءَ جواني، جاوداني ڪين آهہ،
محب مُورت، خوبصورت، سر و قامت چار ڏينهن.

شعر نجفي ڪر نہ مخفي پل تہ عرفي ٿئي عيان،
لاءِ شهرت توکي فرصت، آهي مهلت چار ڏينهن.

—

هر روپ ۾، هر رنگ ۾، بيرنگ تيو جلوه نما،
منجهہ هر اڪر، هر انگ ۾، بيرنگ تيو جلوه نما.

**سيد رکيل شاهہ** (1846ـ 1940ع): سنڌ جي موجوده سرحد کان ٻاهر بلوچستان جي علائقي گنڌاوان جو هي اهلِ دل سائين رکيل شاهہ سنڌي ۽ سرائڪيءَ جو وڏو شاعر آهي. سندس مشهور ڪافي: وس نهين چلدا حجت نہ هلدي ڪنهن نہ ٻڌي هوندي. ڪافيءَ جو هڪڙو نمونو هي آهي:

عشق جنهن جي گهر آيو، عطر ڪتوري ڇا لڳي،
چندن گسي خوشبوءِ اُتي، ميدان سارو پيو هڳي.

—

اگڻ تنهن ايوان تي، اچي پرتوو پر جو پوي،
سا ڳلي هيڪار هئڙي، جت نِينهن جو نعرو وڄي.

—

تابش بره جي بار جي، جنهن سر آئي سوئي سهي،
جلوو عشق جو هرجاءِ هڪ آهہ سمجهي ايئن ڪوئي سگهي.

—

قلب روشن دل سچي حاجت عقل جي ناهلي،
ذاتي تجلو نور جو، ميثاق ڪان هئڙو اڳي.

—

رُخ رکيل هيءَ رمز رندي، بيرنگي بيشڪ بلي،
عجب عبدالستار مان ڪي، فيض سمجهايو سڏي.

**مولوي احمد ملاح** (1877ـ 1969ع): لاڙ جو هي وڏو شاعر پنهنجي عوامي رنگ، بي ساختہ ڪلام ۽ قرآن شريف جي منظوم ترجمي سبب مشهور

آهي. سندس ڪافيون، مولود، مداحون ۽ غزل گهڻو مقبول ٿيا آهن. ڪلام ۾ رواني ۽ تجنيس حرفيءَ جو برجستہ استعمال خاص ڏيان ڇڪائي ٿو:

دم ڪو آهيون، يا نہ آهيون، خواب آهي يا خيال،
هي بزرگيون، بادشاهيون، خواب آهي يا خيال.

خاڪ ٿيندا، خاڪ ۾ خاقان، توڙي خان سڀ،
هي خوشيون، هي خانگاهون، خواب آهي يا خيال.

هي حڪم، هي حڪمتون، هي حرف توڙي حرفتون،
شغل شاديون شوق شاهيون خواب آهي يا خيال.

هي نشا هي نازبو هي نازڪيون ۽ ناز راز،
هي ڪجل ۽ ڪج ڪلاهيون، خواب آهي يا خيال.

هي جواني، يار جاني، هي جميعت ۽ جمال،
هي بدن تي بره باهيون، خواب آهي يا خيال.

آهي احمد چئي امن جو آسرو، الله وٽ،
بيا پنارا ۽ پناهيون خواب آهي يا خيال.

مرحبا محبوب منهنجا، تو مٿان سر گهوريان،
گس، گهٽيون ڇانيان گلن سان، گنج، گوهر گهوريان.

ماڻڪن جا مينهن وسايان، تنهنجي مارڳ، ماڳ تان،
تنهنجي خدمت ۾ خزانا، خوب خوشتر گهوريان.

هنجهه، هرڻ حورون، پريون، هيرا، حسن ۾ هيچ هت،
تنهنجي جلوي، جوت تان جنسار جوهر گهوريان.

نڪ نيلوفر جو نمونو نرم آگ نرمل اکيون،
تنهنجي پيرن تان پيارا، پٽ پٽيهر گهوريان.

چنڊ چهرو، چشم چقمق، چوسرو چوٽو چندن،
وات ڪوثر ڪان ڪثر، زم زم ذقن سر گهوريان.

—

جئڻ جنجال ڪيئي منهنجو، جيئين شل يار هڪ ڏڪ سان.
ملو يا ماريو مون کي، متا منٺار هڪ ڏڪ سان.

—

اي اميرو عام آهون رنگ لائينديون ضرور،
نت نماڻن جون نگاهون رنگ لائينديون ضرور.
ڪي پلاهون پيٽ ۾ پر پيٽ کن جا تيا پلا،
هي پلا ۽ هي پلاهون رنگ لائينديون ضرور.

—

اڄ بہ سرمون پائي سهٽا سينڌ سينگارڻ لڳا،
محب مُرڪاٽي متيءَ سان، ملڪ ميڙ مارڻ لڳا.

**مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' (1919ع- 1993ع):** مخدوم صاحب ويهين صديءَ جو هڪ پُر گو ۽ يگانو شاعر آهي. ڪنهن بہ صنف ۾ ڏسبو تہ مخدوم طالب المولىٰ ترجمان محبت آهي. ڪافي، غزل، بيت ۽ رباعيءَ ۾ سندن زبان ۽ بيان بيمثال آهي:

عجب عشق آهي اسان جو السٽي،
ڪڏهن بت پرستي ڪڏهن خود پرستي.

جهان کان جدا ٿي جهان ۾ رهون ٿا،
سين ساڻ گڏ هوندي سيڪجهه سهون ٿا،
وسائيسون وه واهه ورهه واري وستي،
ٿياسون جو طالب تہ مطلوب مليو،
ٿي ساقي صنم پوءِ ڪٽي جام اُٿيو،
سَري مان سڄڻ جي ملي سُرڪَ سَستي،

—

مخدوم طالب المولىٰ جون ڪافيون درد جي شدت ۽ جذبات جي ڪري بلند معيار جون آهن. هيٺيان ٽلهه ئي اهڙي ساک ڀرين ٿا:

- سهڻل جا سينگار دل کي وڻن ٿا.
- تو دلڙي يار ڏتاري، پوءِ ڪانہ ڪيئي پوئواري،
- ڪنهن سان ڳالهه ڪريان ڪنهن کي دانهن ڏيان،

تن دردن جي پنهنجي سورن جي!

سنڌيءَ جا شاعر جن پنهنجي دؤر ۽ پوءِ وارن دؤرن تي ڀرپور اثر ڇڏيو. انهن ۾ خواجہ سلطان الاوليا حضرت محمد زمان جو نالو ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي. اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترا شاعر آهن، جن جون خدمتون وسارڻ جون نہ آهن. جديد شاعرن ۾ بيوس، دڪايل، اياز، تنوير، نياز، نارائڻ شيام، ايم ڪمل ۽ ٻيا ڪيترا اڃا وڃن ٿا. افسانہ نگارن ۾ سندري، موهن ڪلپنا، جمال ابڙو، امر جليل، گنوسامتاڻي ۽ ٻيا آهن، جن سنڌي نثر کي اُجاريو آهي.

محققن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڊاڪٽر دائودپوٽو، پيرومل، ڊاڪٽربلوچ، مولائي، محبوب علي چنہ، تاج صحرائي، ڊاڪٽر جيٽلي، ڊاڪٽر جوتواڻي، ڊاڪٽر ستيش روهڙا ۽ ٻيا اڃا وڃن ٿا: جن تحقيق جي هڪ مخصوص ۽ جديد نهج تي نثر کي آندو.

مرزا قليچ بيگ تہ واهڙ وهائي ڇڏيا. سندس ڪو هڪ شعبو هجي تہ ڇئجي. نثر ۾ نظم ۾ مرزا صاحب سنڌيءَ کي شاهوڪار ڪيو.

# باب نائون

# موجوده حالت

# (مسئلاءِ حل، هند ۾ سنڌي)

سنڌي زبان وڏن طوفانن مان لنگهي هن حالت ۾ پهتي آهي. عربي، فارسي ۽ انگريزيءَ جي ساٿ ۾ سنڌيءَ جو فائدو ٿيو ۽ سنڌ جي عالمن انهن زبانن ۾ بہ بيشمار ڪتاب لکيا. رابطي ۾ رهندڙ زبانن مان فائدو بہ ٿئي ٿو ۽ مقابلو بہ رهي ٿو. ائين چوڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ صدين جي سفر ۾ سنڌي زبان ۾ اهليت، قوت ۽ استقامت پيدا ٿي آهي. زبان فقط اديب جي توجهہ جو مرڪز نہ رهندي آهي، عوام اُن جا پرورش ڪندڙ آهن. سماج جو هر فرد هن فريضي جي ادائگيءَ لاءِ ڪوشان رهندو آهي. جيئن اُن کي مخالف طرف کان ايندڙ ويرن کان بچائي ۽ ويرين جي حملن کان محفوظ رکي. هاڪاري نتيجا ڪڍڻ لاءِ ڳالهائيندڙ ۽ لکندڙ محنت جاري رکيو ايندا تہ هن ڪم ۾ ڪامياب ٿبو. زبان جي ترقيءَ لاءِ اهڙيون تحريرون ۽ تخليقون پيش ڪبيون، جيڪي سماج جي سڌاري بابت هونديون ۽ اُهي سماج جي ادبي، ثقافتي ۽ علمي اڳڀرائيءَ لاءِ هونديون. جڏهن هيءَ ڳالهہ ڪريون ٿا تہ مطلب آهي تہ پنهنجي زبان کي ايڪيهين صديءَ ۾ وڌيڪ مضبوط ۽ فعال ڪريون.

ماضيءَ جو جائزو وٺي، حال جو حال ڏسي، آئيندي لاءِ مثبت قدم کڻبا. ماضيءَ ۾ سنڌي زبان ۾ جيڪو لکيو ويو، جيڪا تحقيق ٿي، اُن کي حال ۾ وڌائبو ۽ آئيندي لاءِ ڪا رٿابندي ڪبي. خالي اونده ۾ لنيون هڻڻ ۽ ڇڙ ڇڙ ڳاڻا ٿي هلبو تہ مقصد حاصل نہ ٿيندو.

زبان جي ترقيءَ ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ مختلف نوعيت جون ڊڪشنريون، لفظن جا ذخيرا ۽ مددي ڪتاب تيار ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي.

سنڌيءَ جي سلسلي ۾ نظر ڪبي تہ اهڙن ڪتابن ۽ ڊڪشنرين جي اڄان ڪوٽ آهي. جيتوڻيڪ هي سلسلو اٺهين صديءَ جي اڌ ڪانپوءِ وقفن سان ۽ ننڍي پيماني تي جاري آهي. قلمي صورت ۾ ڪي لغات اُن ڪان بہ اڳ تيار ٿيون. جامع لغات جو ڪم سنڌي ادبي بورڊ هٿ ۾ ڪنيو ۽ ڊاڪٽربلوچ پهرئين مرحلي جو ڪم مڪمل ڪري ڏنو. جيڪو پنجن جلدن ۾ ڇپيو. ڊاڪٽرصاحب اُن کي وڌايو ۽ سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ نئين ترتيب سان شايع ڪيو. جيڪو ٽن جلدن ۾ ڇپيو. بقول ڊاڪٽربلوچ هي هڪ مستقل نوعيت جو ڪم آهي. هن لاءِ هڪ مستقل ادارو کپي، جيڪو اضافہ ڪيل ايڊيشن تيار ڪرڻ جو سلسلو جاري رکي.

انهيءَ پسمنظر سان گڏ سنڌيءَ جي موجوده حالت ۽ حيثيت جو جائزو وٺبو تہ ورهاڱي کان پوءِ پهرئين مارشل لا ۾ سنڌيءَ کي تعليم جي ميدان ۾ پوئتي ڌڪڻ جي خودساختہ ۽ آمرانہ خيال جو شڪار ٿيڻو پيو. اُن کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين اهڙيون سازشون جاري آهن. آپيشاهي ۽ انهن جي ٻانهن ٻڌن چاڙتن هن ڏس ۾ گهٽايو ڪونهي. سنڌ اسيمبليءَ ۾ هڪ ميمبر ايئن بہ چيو تہ: ”مون کي سنڌيءَ سان نفرت آهي. آءٌ بجيٽ تقرير سنڌيءَ ۾ نہ ٻڌندس“. اهو سنڌين جو جگر آهي جو اهڙيون ڳالهيون بہ سهندا اچن. سنڌيءَ جي حفاظت لاءِ سنڌ جي شاگردن، سنڌي ادبي سنگت ۽ سڄاڻ ڌرين ڏکي جدوجهد ڪئي آهي، تڏهن سنڌي پنهنجو وجود قائم رکي سگهي آهي. تڏهن بہ زهريلا نانگ ڏنگ هڻڻ جي عادت کان باز نٿا اچن.

موهن جي دڙي مان لڌل رقاصہ جي پتليءَ کي غلاظت ۽ ڏٻي کي خونخوار ڏڳو سڏيو ويو ۽ ڪفر جون فتوائون بہ جاري ٿيون، تہ بہ قافلو هلندو رهي ٿو.

سنڌ ۾ سنڌيءَ جي تلفظ جي باري ۾ ٿورا غلط مثال بہ قائم ٿيا آهن. انهن سان نہ زبان ختم ٿيندي نہ گهڻو بگڙي ويندي، پر ٿوري بگاڙ جو انديشو آهي. اهڙي بگاڙ ڏانهن ڌيان ڏيڻ ضروري آهي، ڇو جو هن بگاڙ ۾ ميڊيا ملوث آهي. اُن ۾ اخبارون، رسالا، ريڊيو ۽ ٽي ويءَ جو وڏو حصو آهي. پهريون مثال

هڪ اهم لفظ جي اِملا جو سامهون آيو. سيني کي خبر آهي تہ ’قاعدو‘ هيئن صحيح آهي. اخبارن ’قائد‘ وارو لفظ ’قاعدو‘ سان مُنجهائي ’قائدو‘ (قاعدي جي جاءِ تي) لکڻ شروع ڪيو. جي ليکڪ صحيح (قاعدو) لکي تہ ڪمپازيٽر پنهنجو عقل هلائي، اُن کي ’قائدو‘ ضرور ڪري!

هڪ عام غلطي لکڻ ۾ ’بهرحال‘ (هرحال ۾ هرصورت ۾) جي ڪئي وڃي ٿي. اُن کي بحرحال ۽ بهرهال بہ لکيو وڃي ٿو. گهڻا ماڻهوا ِملا جي هيءَ چُوڪَ ڪن ٿا. درست ٿيڻ ڪپي. اهڙيءَ طرح اخبارن ۾ ۽ ريڊيو، ٽي ويءَ ۾ گفتگو ۾ سنڌي جي شهرن جا نالا غلط اُچاريا وڃن ٿا. جهڙوڪ مورو، ٽنڊو باگو ۽ ڪپرو وغيره. جنهن بہ صورت ۾ شهر جو نالو وٺبو، اُهو ٻوليءَ جي قائم اصولن موجب وٺبو. ڪنهن ٻي ٻوليءَ جي تقليد ۾ نقل ڪرڻ جي ضرورت ڪونہ آهي. جي جملو آهي تہ: ’مورو وڏو شهر آهي‘ تہ صحيح آهي. جي جملو آهي، ’آءُ موري ويندس‘ تہ ايئن صحيح آهي. اُن جي مقابلي ۾ ’آءُ مورو ويندس‘ غلط آهي.

ريڊيو جي خاص طور نيوز بليٽن ۾ فاش غلطيون ٿين ٿيون. هڪ پيرو چيو ويو تہ: ”حڪومت چوپائي مال جي صحت، خريد ۽ وڪرو کي همٿائيندي“ غور ڪريو تہ نيوز ڪاسٽر پنهنجي مادري زبان کي ٻين زبانن جي پاڇي ۾ آڻي غلط ڪن ٿا. ڪيترن لفظن جا بہ اهڙا نقاليءَ وارا اُچار ڪن ٿا. زلزلو کي ’زُلزلو، ڪروڙ کي ڪَروڙ، وگهي کي وَگهي، زَبون کي زِبون ۽ ڏِيان کي ڏَيان چوڻ انڌي تقليد نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي. ڪي ماڻهو چون ٿا، فلاڻي زبان ڳالهائيندڙن سان لهہ وچڙ جي ڪري اُنهن جو اثر پوڻ لازمي آهي. ايئن نہ آهي اِها پنهنجي زبان کان بي پرواهي آهي!!

هڪ نيوز بليٽن ۾ حڪومت ”پَڪو پُهہ“ ڪيو آهي.“ چيو ويو. ڪهڙو سنڌي پَڪو پَهہ نٿو چئي سگهي؟ هڪ سگهڙين ست پروگرام ۾ خطن جا جواب ڏيندي، ميزبان چيو، ”اوهين پنهنجي راءِ اسان کي موڪلي ڏياريو. اهو ڏياري موڪليو جي بجاءِ چيو ويو. اِها هڪ ماڻهوءَ جي وقتي ۽ معاف ڪرڻ جهڙي غلطي بہ چئي سگهجي ٿي. ”سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ“ کي ڪير ”سنڌ جي ڪَنڊ ڪڙڇ“ چوي، اها غلطي هڪ فاش غلطي آهي. اِن قسم جي غلطين کي بهرحال

درست ڪجي. اِنهن اُچارن ۽ تحريري غلطين کي سڌارڻ ئي مسئلن جو حل آهي.

ٻيو حل زبان جي ترقيءَ لاءِ ڪن ضروري قدمن کڻڻ سان ٿيندو. اُن لاءِ جيئن عرض ڪيم ته مڪمل رٿابندي ضروري آهي. هن سلسلي ۾ سنڌ جا علمي ۽ ادبي ادارا ڪجهه ڪندا آيا آهن. اجان گهڻو ڪجهه ڪرڻو آهي. سنڌي ادبي بورڊ جو اشاعتي پروگرام جاري آهي. ايئن چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته بورڊ جي اشاعت جو هڪ مرحلو مڪمل ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ سنڌي لغات، لوڪ ادب، تاريخ جا ماخذ ۽ شاعرن جا ڪليات ۽ ديوان شايع ٿي چڪا آهن. سنڌي لئنگويج اٿارٽي، سنڌالاجي ۽ شاهه لطيف ثقافتي مرڪز به اشاعت جو ڪم ڪيو آهي. اٿارٽيءَ جو ٻوليءَ جي صحت ۽ ترويج ۾ اهم ڪردار آهي، جيڪو اجان وڌڻ کپي. اِن کان سواءِ نيوفيلڊس، سنڌيڪا، روشني، مهراڻ اڪيڊمي ۽ ٻين نجي ادارن جو ڪردار به آهي. اُنهن جو اشاعتي پروگرام به قابل قدر آهي. اُن ۾ به رٿابنديءَ جي ضرورت آهي، انهن ادرن جا مالڪ هروڀرو به ٻيا ڇاپا شايع ڪرڻ ۾ پورا آهن.

هيڏانهن سنڌ يونيورسٽي، ڪراچي يونيورسٽي ۽ شاهه لطيف يونيورسٽيءَ جا سنڌي شعبا تعليم جي سلسلي ۾ ايم. اي، ايم. فل ۽ پي ايڇ. ڊيءَ جون ڊگريون ڏيڻ سان گڏ اشاعتي ڪم به ڪندا ٿا اچن. چيئرس قائم آهن، انهن وسيلي اجان به وڌيڪ معياري ادبي ڪم ٿي سگهي ٿو. سنڌي شعبن مان جرنل ڪينجهر، ڪلاچي ۽ پٽائي شايع ٿيندا رهن ٿا.

سنڌيءَ ۾ سنڌوءَ کان وٺي ڪيترا ننڍا وڏا رسالا شايع ٿيندا رهيا. هن وقت لوڏن لمن هوندي به بورڊ جو سماهي مهراڻ ۽ سنڌ سرڪار جو نئين زندگي شايع ٿي رهيو آهي. سنڌي اخبارون به اٽڪل ڏيڍ سؤ سالن کان شايع ٿينديون اچن. قرباني، نئين سنڌ، ڪاروان ۽ ٻيون اخبارون نڪتيون بند ٿي ويون. هن وقت عوامي آواز، عبرت، ڪاوش، خبرون، شام، هلچل، تعمير سنڌ ۽ ڪي ٻيون روزانه اخبارون شايع ٿين پيون. سنڌي زبان ۽ ادب جي اشاعت ۽ ترويج ۾ اخبارن جو به اهم ڪردار آهي.

ڏکين حالتن جو مقابلو ڪري پنهنجي زبان کي ترقي ڏياري سگهون

ٿا. ان لاءِ گھڻن مثبت قدمن کڻڻ جي گھرج آهي. منهنجون چند رٿون هي آهن:

1ـ سنڌي ماڻهو ذهني طور سجاڳ ٿي پنهنجي زبان جو استعمال وڌائي ۽ ڪوشش ڪري ٻين سان به سنڌي ڳالهائين. هڪڙي غير اڳيان ڏهه سنڌي پنهنجي زبان ڇڏي نه ڏين.

2ـ دوڪانن ۽ ادارن جا بورڊ سنڌيءَ ۾ لکائين.

3ـ ٻارن کي لازماً سنڌي ميڊيم اسڪولن ۾ پڙهائين. ٿلهي وڏائيءَ کي ترڪ ڪري ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائين.

4ـ جيترو به ٿي سگهي خط سنڌيءَ ۾ لکن. ڀناٽي کي آلو، ڀاڄائيءَ کي ڀاڀي، ڀيڻ کي آپا، ڀاءُ ۽ دوست کي ڀائي جان، چنبڙڻ کي چپڪڻ ۽ ڀيئيءَ کي اُبتڻ چوڻ کان بچن.

5ـ سنڌي اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب خريد ڪري، پڙهن.

6ـ سرڪار کان ادبي ادارن جي گرانٽ وڌائڻ لاءِ گھُر ڪرڻ.

7ـ ڀارت کان سنڌي رسالا ۽ ڪتاب گھُرائڻ لاءِ سرڪار کان مطالبا ڪرڻ.

8ـ سنڌي تعليم کي پرائمري تعليم کان وٺي يونيورسٽيءَ تائين مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ.

9ـ نجي اشاعتي ادارن جي امداد ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ.

10ـ ڪمپيوٽر جو استعمال اسڪولن ۽ ٻين ادارن ۾ وڌائڻ.

اِهي چند رٿون آهن. ٻيون به ٿي سگھن ٿيون. اُميد آهي ته هاڪاري قدم کڻڻ سان ٻوليءَ جو واڌارو ٿيندو ۽ سنڌي سماج به هڪ ايڪي وانگر نظر ايندو.

**هند ۾ سنڌي:** هونئن ته ٻڌندا اچون ته هند ۾ سنڌي ختم ٿيندي پئي وڃي. نارائڻ شيام خدشو ظاهر ڪيو هو ته:

الا اِيئن نه ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي،
هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي.

آءٌ پوءِ به پرامِيد رهيو آهيان، اهو سوچيندي ته سنڌي هتان لڏي ويا هئا ته ٿورا هئا. اڄ اُتي سندن آبادي وڏي آهي. ٻوليءَ کي لوڏو ٿي ڪونهي.

سيپٽمبر 2005ع ۾ سنڌي اديبن جي وفد ۾ ڀارت وڃڻ جو موقعو مليو. اُتي اٽڪل ڏهن شهرن (دهلي، لکنو، ڪانپور، آگري، حيدرآباد دکن، بمبئي، بنگلور، اجمير، احمد آباد ۽ جئپور) ۾ وڃڻ ۽ سنڌين جي پروگرامن، سيمينارن ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو. وقتي ته ڄاتم ته ٺيڪ آهي. وڏي عمر وارا مليا پر پروگرامن ۾ ننڍا نينگر گهٽ شريڪ ٿيا. ڪجهه ڪٿڪو ته ٿيو.

آگري ۾ هلندڙ پروگرام کان ٻاهر نڪري هوا کائڻ لڳس ته ڀهرين هڪ همراهه ۽ ٻوءِ ٻي ٻيا به اچي مليا. اُنهن ڪي سوال پڇيا. اڪثر سوالن مان سمجهيم ته هنن کي مليل معلومات اڻ پوري ۽ غلط هئي. مثلاً:

- اوهان جي شادي ڪٿان ٿي؟
- اوهين عربي ڳالهايو ٿا؟
- اوهين ورهاڱي وقت مسلمان ٿيا؟

انهن سوالن جا جواب مون هنن کي ڏنا ۽ ڄاتم ته هنن هي ٿي سمجهيو ته ورهاڱي وقت جن ڀارت ڏانهن لڏپلاڻ نه ڪئي سي (ڊڄي) مسلمان ٿيا. مون کين ٻڌايو ته نه ايئن ڪونهي. سنڌ ۾ اسلامي اثر ۽ حڪومت سبب ڪي سنڌي ستين صديءَ جي آخر ۽ اٺين صدي عيسويءَ (712) کان مسلمان ٿيندا آيا. اهو عمل ٿورو سنڌ جي هندن ۽ اڇوت جاتين ۾ اڃان جاري آهي.

ٻيو ته اسين سنڌ ۾ پنهنجي سنڌي زبان ڳالهايون ٿا ۽ اُها عربي سنڌيءَ ۾ لکجي ٿي. ڀارت ۾ اڪثر ديوناگريءَ ۾. ۽ گهڻا ڪتاب ۽ رسالا عربي سنڌي لپيءَ ۾ ڇپجن ٿا. شايد انهن تائين اوهان جي رسائي ناهي.

شاديءَ وارو سوال اهم نه هو. پر هنن سمجهيو ته آءٌ به 1947ع ۾ مسلمان ٿيو آهيان. متان ڪنهن هندو گهراڻي مان شادي ڪئي هجيم! اُن ڳالهه جي به مون ڇنڊ ڇاڻ ڪئي. هنن ٻيا به ڪيترا سوال پڇيا ۽ کين جواب ڏنم. اهو محسوس ڪيائون ته سندن خيال غلط هئا. انهن دوستن ۽ ڪن ٻين سان به اهڙي گفتگو ٿي. مون کين ٻڌايو ته: اوهان سان اسان جو رشتو فقط سنڌي زبان جو آهي، ٻيو ڪو هجي ته ٻڌايو! اُن جو هنن وٽ جواب ڪونه هو.

ڀارت ۾ اڪثر اهو ڏٺو ويو ته سنڌين جا ٻار جدا جدا پرانتن (صوبن) ۾

اُتي جون ٻوليون سکن ۽ پڙهن ٿا. نئين ٽهيءَ وارا مائٽن سان گهر ۾ بہ سنڌي نٿا ڳالهائين. اهو انهن جو معاشي ۽ يڪجهتيءَ جو مسئلو تہ آهي. پوءِ بہ پنهنجي مادري ٻوليءَ سان لاڳاپو رکي سگهن ٿا. معاشي طور ڀارت ۾ سنڌي جاتي تمام اعليٰ پد تي آهي. خود ملڪ جي معيشت کي ٽيڪ ڏئي بيٺا آهن. اُن جا ممبئيءَ ۾ نند جويري ۽ ٻين شهرن ۾ ٻين سنڌين ڪافي مثال ٻڌايا. ٿوري بهتر حالت ۾ هجڻ واري جاتي ٻوليءَ لاءِ بہ ايئن قدم کڻي سگهجي ٿو. جيئن تعليم ۽ صحت لاءِ ڪنيا اٿن. روزگار ۾ ٻين جاتين کي بہ سهارو ڏين پيا تہ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ بہ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهن ٿا.

پوءِ بہ جيڪو لاڙو سنڌيءَ بدران هندي ڳالهائڻ جو آهي، سو هلندو. سنڌيءَ لاءِ ڪجهہ ڪبو تہ بهتر صورت ۾ ايندي.

## خاتم ڪلام

مٿي ذڪر ڪيل ڪجهہ ڳالهين جي حوالي سان عرض آهي تہ سنڌيءَ جي سونهن، جوهر ۽ ماهيت کي اصلي روپ ۾ پسائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. سنڌيءَ جي پهاڪن ۽ اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ بہ حسن نظر اچي ٿو. اُن کي اهميت ڏيڻ کپي. اديبن ۽ شاعرن جي تحريرن بہ زبان کي مضبوط ڪان مضبوط ترڪيو آهي. اِن نُڪتي کي ڪڏهن وسارڻ نہ گهرجي.

بيشڪ سنڌي زبان جي اصل نسل ۽ بُڻ بنياد جي باري ۾ وڏيڪ کوجنا ڪجي ۽ نتيجا ڪيجن. پر سنسڪرت جي فقط ٿوري معلومات ۽ working knowledge ڪافي ناهي. جيئن عرض ڪري آيو آهيان تہ جڏهن سڄو ممڻ سنسڪرت جي سَر تي مٿل آهي، تڏهن سنسڪرت زبان اسڪالرن کي مڪمل طور سکڻ کپيَ. جن سکي آهي، سي چٽيءَ طرح چون ٿا تہ، سنڌي ”هند آريائي“ زبان آهي نہ توراني نہ ترڪستاني.

بهرحال اڃا بہ هر پهلوءَ جي تحقيق لاءِ رستو کليل آهي. بُڻ بنياد، محاورن، پهاڪن، شعرن جو وڏيڪ اڀياس ڪجي.

# ضميمو اهم ڪتاب

هن موضوع تي تفصيلي مطالعي لاءِ هيٺيان ڪتاب پڙهڻ کپن:

1_ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ_ ڀيرومل مهرچند

2_ سنڌي ادب جي تاريخ (جلد_1) _ خانبهادر ميمڻ

3_ تذڪره لطيف (جلد_1) _ پروفيسر بدوي

4_ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ_ ڊاڪٽر بلوچ

5_ سنڌي ٻولي_ سراج الحق

6_ سنڌي صورتخطي_ ڊاڪٽر غلام علي الانا

7_ سنڌي ٻوليءَ جو بُڻ بنيادي_ ڊاڪٽر غلام علي الانا

8_ سنڌي صوتيات_ ڊاڪٽر غلام علي الانا

9_ سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي_ ڊاڪٽر غلام علي الانا

10_ سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس_ ڊاڪٽر غلام علي الانا

11_ علم اللسان ۽ سنڌي زبان_ علي نواز جتوئي

12_ سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج_ الهداد ٻوهيو

13_ سنڌي ٻولي، لسانيات کان سماجي لسانيات تائين_ ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو

14_ سنڌي ڌوَني و گيان : ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

15_ ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ_ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

16_ سنڌوءَ جي جهلڪ_ ليلو رچنداڻي

17_ سنڌي ٻوليءَ جي لپي_ لوڪنات

18_ ڀاشا شاستر_ ٻوپٽي هيراننداڻي

19_ لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڌايون_ محمد عمر چند

20_ سنڌي براهوئي جو تقابلي جائزو_ ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهي

21_ گل شڪر_ ڪيولرام آڏواڻي

22_ پهاڪن جي حڪمت_ مرزا قليچ بيگ

23_ ڀهاڪن جي پيڙهه _ پيرومل مهرچند

24_ گلقند _ پيرومل مهرچند

25_ ڀهاڪن جي پاڙ_ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

26_ اصطلاحن جي اصليت _ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

27_ ڀهاڪا ۽ اصطلاح_ سنتداس ڪشناڻي (مقدمو ڊاڪٽر جيٽلي)

28_ ورجيسون_ عبدالوهاب سهتو

29_ اصطلاحات اصغر (عرف سنڌي ڪتمنڙا) _ غلام اصغر

ڪتاب جي ابتدا ۾ سنڌي زبان بابت اڳ موجود نظرين جي اپٽار سان گڏ ليکڪ طرفان پنهنجي مطالعي جو نچوڙ ۽ نتيجو ڏنو ويو آهي. زبان جا وجود ۾ اچڻ وارا نظريا، انهن جا خاندان، ننڍي کنڊ جون زبانون، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، رسم الخط، محاورا، پهاڪا، چوڻيون، ورجيسون، سنڌي ٻوليءَ جا محقق ۽ سنڌي ٻوليءَ کي پيش ايندڙ مسئلن ۽ مونجهارن بابت موضوع ڪتاب جي مختلف بابن ۾ ورهايل آهن. اميد آهي تہ هي ڪتاب سنڌي ٻولي ۽ لسانيات جي شاگردن توڙي اديبن، ليکڪن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيندو.

**عبدالقادر جوڻيجو**

سنڌي زبان توڙي ڪنهن بہ زبان جي اصل سونهن ۽ جوهر ان جا پهاڪا، اصطلاح، محاورا ۽ چوڻيون آهن. انهن جي استعمال سان ٻولي پُرمطلب بنجي ٿي. اهڙيءَ ريت نحوي ۽ صرفي خوبيون، خصوصيتون ۽ آراڌايون بہ هڪ زبان لاءِ بنيادي ڏانچي مثل هونديون آهن. ان سلسلي ۾ زبان جي گرامر جي مختلف پهلوئن جو جائزو وٺڻ پڻ ضروري آهي، ان ڪري هن ڪتاب ۾ اهڙو جائزو پڻ ورتو ويو آهي.

**عبدالجبار جوڻيجو**